

آسانند مامتورا

هنج چڳن موتي

M-5(117)

هنج چڳن موتي

000066

آسانند مامتورا

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن

٩٠، لڪشمي مارڪيٽ، الهاسنگر - ٣

● ڪتاب بابت ......

سنڌي جي بزرگ ساهتيڪار شري آسانند مامتورا جي ليکن جو هي مجموعو 'هنج چڳن موتي' ڏيندي اسان کي خوشيءَ جو احساس ٿي رهيو آهي.

اسان سال ١٩٧٨ع ۾ شري آسانند مامتورا جي ڪهاڻين جو مجموعو "ڳهوارڻ" پيش ڪندي اميد ظاهر ڪئي هئي ته، ڪنهن وقت مامتورا صاحب جي ليکن جو مجموعو پڻ ظاهر ڪيو ويندو ۽ هاڻ اُٺن سالن بعد اهو مجموعو سنڌي ٽائيمس طرفان ڏيئي رهيا آهيون. اسان چاهيون ٿا ته بزرگ ساهتيڪارن جون رچنائون، جي هت هت جدا جدا رسالن اخبارن ۾ ٽڙيون پکڙيون پيون آهن، اهي ڪنهن هڪ مجموعي ۾ اچي ظاهر ٿين ته سٺو، جو ان مان ابياسين کي سهوليت ٿيندي ۽ بزرگ ساهتيڪارن جي رچنائن جي ابياس ڪرڻ مان ۽ انهن مان فيض وٺڻ ۾.

هن کان اڳ، اسان ڪهاڻيڪار سرڳواسي امرلال هنگوراڻي، سرڳواسي ڪاڪي لالچند جڳتياڻي جي ڪهاڻين جا مجموعا ڏيئي چڪا آهيون.

اسين جلد ئي شري چيتمل پرسرام جي رچنائن جو مجموعو توهان اڳيان پيش ڪنداسين - ان مجموعي ۾ چمڙا پوش جون آکاڻيون به هونديون.

سلسلو صفحو

١. سعدي شعر ... ٩
٢. شاه جو وشو درشن ١٩
٣. شاه عاشق ٢٥
٤. شاه حق جي ڳولا ۾ ٤١
٥. شاه ۽ نروان ٥١
٦. شاه!- واه جو شاعر ٥٩
٧. سچل ٦٢
٨. سامي ۽ ويدانتي واڻي ٦٩
٩. ٽئگور ... ٧٩
١٠. ڪوي ٻيوس ... ٨٥
١١. دارا شڪوه ... ٨٩
١٢. وجد يا حال ... ١٠١
١٣. پتليان ١٠٧
١٤. علم لغات ١١٣
١٥. هنسا مان ڇوٽڪارو ١٢١
١٦. اهنسا پرمو ڌرم ١٢٧

HANJ CHUGIN MOTI

(Collection of Essays)

By: Assanand Mamtora

SINDHI TIMES
Publication
90, Laxmi Market,
Ulhasnagar-3
(Phone: 1208)

Published by:
Suresh Paryani
For
The Sindhi Times
Publication

Printed by:
Smt. Mohini Sobhraj
Budhwani, INQLAB Press
Ulhasnagar-3. (Phone 66)

Sole Agent:
Jagdish Book Depot,
Main Bazar,
Ulhasnagar-2. (Phone 455)

Price: Rupees Ten

Year: July 1985

جيئن ڌارا جي وهڪ ۾ اَڪيچار اُمنگ لُڙهي، اَچيتن من جي گهرائين ۾ غائب ٿيو وڃن. پر منهنجو ڀريو ن امنگ لکڻ جو — تخليقي امنگ، رچنا جو اَروڪ جذبو — اڄ سمرتيءَ جي سوکيم تهن ۾ سرڪشت آهي.

مان ٻارهن ٻارهن ورهين جو هوس — از حد ننڍڙو ۽ اِڪانت پسند. جيوت اڄا ۽ ٻاهرئين سنسار سان همسازي ڳولي ڪانه لڌي هئي. جيڪس انهيءَ ڪري ئي ڪتابن ۽ ڪلپنا جي ذريعي ڪو نئون سنسار رچڻ ئي زندگيءَ جي اهم مشغولي هئي.

منهنجي ناناڻي گهر ۾ ٽي چار ڪٻٽ سنڌي توڙي انگريزي ڪتابن سان ڀريا پيا هئا. منهنجي سرڳواسي ناني ۽ منهنجي مامي ٻنهي کي پڙهڻ جو اَتي شوق هو. مان ٻڌايان ٿو ته انهن ڪٻٽن ۾ انهيءَ وقت تائين جيڪي به عربي سنڌيءَ ۾ ڪتاب ڇپيا هئا سي موجود هئا. مون کي سانڀر آهي ته آلجبرا ۽ جاميٽريءَ جا سنڌيءَ ۾ ڀريان ڀريان ڪتاب توڙي ديوان ننديرام جي ”تاريخ معصومي“ مون انهن ڪٻٽن ۾ ڏٺا. ٽرمپ صاحب جي شاهه جي رسالي توڙي شرٽ صاحب جي سنڌي- انگريزي ڊڪشنريءَ سان ڏيٺ به انهيءَ زماني ۾ انهن ڪٻٽن ۾ ٿي. پر مون کي انهيءَ وهيءَ ۾ شوق افسانن پڙهڻ جو هو، جن جي واهر سان ئي منهنجو وشال سنسار وجود ۾ ايندو هو. انهيءَ زماني جا افسانا هئا حاتم طائي،

بزرگ ساهتيہ ڪارن کان سواءِ ٻين اديبن جي ڪهاڻين جا مجموعا يا ٻيون رچنائون ڪتابي روپ ۾ ڏيڻ اسان جو اُديش آهي. شري گوبند مالهي جي اوائلي ڪهاڻين جو مجموعو '**ها ۾ ڪا آکاڻي آهي**' نالي سان ڏنو اٿئون. ايندڙ سال سندس ٻين ڪهاڻين جو مجموعو ڏيڻ جي رٿا آهي.

ان سواءِ نون ليکڪن جون رچنائون پڻ ظاهر ڪرڻ اسان پنهنجو فرض ٿا سمجهون. اهو سڀ اسان پنهنجي حالتن ۽ وقت آهر ڪندا رهنداسين ۽ ان ۾ توهان جو ساٿ ۽ سهڪار گهرجي جو اُميد ته ملندو. بس.

نارائڻ ڀارتي
مکيہ سمپادڪ

١٥، جولاءِ ١٩٨٥ع
٥٦، هيرا هائوسنگ سوسائٽي
اُلهاسنگر - ٣ (بمبئي)

سنڌي شعر تي ڪي خيال

(۱)

انگلنڊ جي راڄ ڪوي، جان ميسفيلڊ هڪ تازي ليکَ ۾ شعر جي شڪتيءَ ۽ مقصد مراد جـــي اپٽار ڪندي، انهيءَ مسئلي تي روشني وڌي آهي ته ڇو اڄ ڪالهه شعر جو شعاع گهٽو جهڪو آهي. هو صاحب چوي ٿو ته انهيءَ جا گهڻا سارا سبب آهن. مکيه ۾ مکيه سبب اهو آهي، جو اسين جنهن زماني ۾ رهون ٿا، سو نهايت عجيب و غـريب ڪـوجنائن سان ڀريل آهي. هن کـان اڳ ڪنهن به زماني ۾ اسان ايترين ڪوجنائون نه ڪيون آهن. اليڪٽرسٽي ۽ انهيءَ جـو گوناگون نمونـن ۾ ڪم اچڻ، ڪلون جـــي اسانجن احتياجن جون وڏون سولائيءَ سان ناهيو تيار ڪـن، بيمارين کي دفع ڪرڻ ۾ تـرقي، ۽ ٿوروير مائي سان ڏورانهن ڏورانهن ڏيساورن ۾ مال موڪلڻ ۽ نياپا نئڻ، اهـــي انهن مان ڪي آهن. قدرتن، اهڙين مشغولين سبب ٻين ڳالهين جو خيال گهٽ ٿئي ٿو... هن سمي

چار درويش، ممتاز دمساز ۽ انهيءَ جنس جا ٻيا قصا.

انهن مڙني قصن مان "ممتاز دمساز" منهنجي من ۽ ڪلپنا تي اونهو اثر ڪيو. انهيءَ عظيم الشان قصي جي هيروئن بي نظير آهي جنهنجي حسن جي نزاڪت ۽ جمال جو جلوو اهڙي ته چترائيءَ ۽ هنر سان پيش ڪيل آهن جو پڙهندڙ جي هردي ۾ هوءَ روپ وٺي، امنگن ۽ آشائن جا ترنگ اُٿاري.

هينئر جڏهن سمرتيءَ جي سوکيم تهن مان اها سانير ڪيدي، ڪيس ٻاريڪ بينيءَ سان ڏسان ٿو ته دل ۾ اها شڪا پهريون پيرو اٿي ٿي ته ائين ته ناهي ته اها "ممتاز دمساز" واري گلفام گلبدن، بي نظير منهنجي پهرين پريتما هئي.

مان سمجهي ٿو ڪريان ته هن منهنجي ڪلپنا ۽ هردي تي اهڙو ته گهرو اثر ڪيو جو ڪوتا منهنجي جيون ڪيتر ۾ پهريون سلوڪ نديو ۽ نفيس، ڪنيو. منهنجي هردي هنجي حسن جي خاڪ ۾، هنجي سونهن جي ٿنا ۾، پلڪجي جا پاوت ڪئي، تنهن ڪوتا جو روپ ڌاريو.

اهو منهنجو پهريون شعر هو، منهنجي پهرين لرزندڙ رچنا هئي. اف! اهو شعر، اها ڪوتا، اڄ ڪٿي آهي؟ انهيءَ نديڙيءَ، نفيس ڪوتا ۾ سمايل هو منهنجو ذاتي ذوق حسن ۽ منهنجو ترقندڙ هردو.

اڄ به ذوق حسن ۽ ترقندڙ هردو کڻيو پيو گهمان. پر شاعر ڪونه ٿيس: "شاعر" جو رچيندڙ ٿيس. ●

— آسانند مامتورا

لاثانين بي نظير آهي. پر شاهه انهيءَ پهرين دؤر کي مڪمل ڪرڻيءَ لئي رسالي سان گڏ هڪ ٻيو دؤر پڻ شروع ڪيو. شاهه پهريون شاعر ٿو ڏسجي جنهن، سنڌي ٻوليءَ ۾، "وائي" مروج ڪئي، جا سچل، بيدل، بيڪس، دلپت ۽ ٻين ننڍن شاعرن جي هٿ مان لنگهي، "ڪافي" جي نالي سان، سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ گهڙي وئي. روايت آهي ته شاهه هڪ دفعي، درازن کان اچي نڪتو. سچل، ان ڏينهن، اڃا ننڍڙو نينگر هو؛ پر شاهه انهيءَ ٻارڙي جي پيشاني ڏسي، پيشگوئي ڪئي ته، "جا ڪني اسان چاڙهي آهي، تنهن جو ڍڪڻ هي لاهيندو." ڪي عالم انهيءَ اڳڪٿيءَ مان روحاني معنيٰ ٿا ڪڍن، پر منهنجو نماڻو رايو آهي ته شاهه صاحب جو اشارو انهيءَ نئين شاعراڻي طرز ڏي هو، جنهن کي سچل، تحقيقن ڪماليت جي ڪڙيءَ تي آندو.

(٣)

ٻيو دؤر هليو ٿي پئي، ته انگريزن سنڌ فتح ڪئي ۽ ڪـو وقت سنڌي شعر جـو چشمو پنهنجو ذاتي ٻيڪو، رواني ۽ تازگي ڇڏي ويو. پارسي شعر جي تقليد ٿيڻ لڳي. خليفو گل محمد پراڻن هالن وارو، پهريون سنڌي شاعر ٿو ڏسڻ ۾ اچي، جنهن پارسي بحر ۽ وزن تي سنڌي شعر ٻڌو. اها طرز، جا سنڌي سڀاو ۽ سنڌي من جي لاڙي سان متفق

۾ اسين موٽرن، تند بنا تار، ٽيليفون، موٽر ٻيڙين ۽ ٻين ڪل هاٿوڪن "رانديڪن" مان ايتري ته خوشي ۽ راحت حاصل ڪريون ٿا، جو اڳيان جهونا "رانديڪا" اسان بنهه وساري ويٺا آهيون.

سمي پائي انهن سڀني نين شين جي نواڻ آهستي آهستي ميسارجيو وڃي، ته اسانجي انهن ۾ دلچسپي به گهٽجيو ۽ آخر غائب ٿيو وڃي. پوءِ هو وس جي وٿن ۾ پنهنجي ذاتي جاءِ وٺيو بيهن.

پوءِ وري اڳين جهونين رانديڪن جو وارو ايندو، ۽ پوءِ نه انهيءَ کان اڳ، صنعت ۽ هنرن ۾ نئون ساهه پوندو، نئين سجاڳي ايندي.

(٢)

انگريزن ١٨٤٣ع ڌاري سنڌ فتح ڪئي ته سنڌ ۾ نئون دؤر شروع ٿيو. علم يا فن. سنڌي نئن مشغولين ۽ نئن مقصودن جي حاصل ڪرڻ ۾ جنبيا. نتيجو اهو ٿيو جو، هنن ڪي صنعت ۽ هنرن جي ترقيءَ ٿوڙي انهن کي زنده رکڻ جو خيال خير ڪو ٿيو، ۽ سنڌ ۾ شعر جي پلٽ گويا بند ٿي ويئي

سنڌي شعر جو پهريون دؤر عيسوي سورهين صديءَ ۾ شروع ٿيو. سورهين صديءَ جي وچ ڌاري جو ڪلام سيد عبدالڪريم بلڙيءَ واري سنڌيءَ ۾ چيو سو ارڙهينءَ صديءَ جي وچ ڌاري، شاهه جي شعر ۾، انهيءَ ڪماليت کي اچي رسيو، جا اڄ ڏينهن

(٤)

ويهين صديءَ جي شروعات ۾، سنڌي شعر جي نهر وري نئون روپ ورتو. پارسي غزل جو سلو، جو پنجاهه سال، سنڌ جي شاعرن جي چمن ۾ پٺي پليو ۽ اسريو، تنهن پڪيون پاڙون جهليون. شعر جي اها طرز جا لاشڪ اصلي غير سنڌي هئي، سا سنڌ جي پاڻيءَ ۽ هوا ۾ سنڌي ٿي. اها طرز وٺي، نظم جي نهر نوان روپ ۽ رنگ، نظارا ۽ نماءَ ڏيکارڻ لڳي. سنڌي شعر جي انهيءَ چوٿين دؤر جو شعر، انگريزي جارجين ڪوتا سان گهڻي مشابهت ٿو رکي. مضمون رواجي ۽ سليس، عبارت سنڌي ۽ سولي. سنڌ جو خيال، سنڌ جي سڀيتا ۽ تصوف جي ”سرخين ۽ سونهرين“ سان رڱيل ۽ رتل آهي. انهي ڪري صوفيانو سر، توحيد جي تنوار، ۽ وحدت جي وائي، سا ٻنهي غير حاضر رهڻ ممڪن ناهي. سليس ۽ رواجي مضمون، سڌيءَ ۽ ساديءَ عبارت مان ۽ ڪڏهين قضائي ليا پاڻهو نڪري نروار ٿئي. مسٽر ڪشنچند (بيوس) انهيءَ دؤر جو هڪ عيوضي آهي.

بيوس سنڌ جي زنده شاعرن مان نامڪٿيو شاعر آهي. سندس شعر ۾ شاعرانا جهلڪا جهجها آهن. عبارت شيرين، مائيدار ۽ رنگ روپ واري اٿس. پر سندس شعر ۾ جي ٻه قوي خاميون آهن، سي هي ته منجهس سانده مشاهدي جي قوت اڃا ڏسڻ ۾ ڪا نه ٿي

ناهي، تنهنڪري سڄو سنڌ جي شاعراڻي گلستان جي
مٿيءَ ۾ هنيو ويو. انهيءَ طرز تي نهايت گهڻو شعر
لکيو ويو آهي، پر منجهس ڌُنڌ سبب تنهن گهڻي ساري
ڳُت ۽ هٿرادي جڙت لڳي پيئي آهي. انهيءَ ڪري
شاعرانو تورڙي فيلسوفاڻو مشاهدو غير ڪو آهي، ۽
جذبو به لفظن ۾ پڪڙبو پنهنجو شعاع وڃايو ڇڏي.
خيالي ۽ روحاني بحر جي رڳو ڇاڇر ۾ ڇٻر ون تيل
آهن. ڪٿي ڪٿي نازڪ خيالي ۽ خوش ڪلاميءَ جو
مظهر ملي ٿو. پر جذبن جو جذاءَ ۽ وچڙندڙ اثر
خيال جي بلندي ۽ اونهائي، حسن جو مشاهدو ۽
مشاهدي جي ڪشادگي، اهي سڀ گهڻو ڪري غير
حاضر آهن. اوائل ۾ "غزل" سنڌ جي ذاتي سڀيتا ۽
تهذيب تي لکجڻ ۾ آيو. "ديوان گل" وارو غزل
جيتوڻيڪ بدل پارسي بحر ۽ وزن تي آهي، پر
صورتون مورتون، استعارو النڪار، روپڪ ۽ رنگ،
سڀ سنڌي ڪم آيل آهن. "ديوان فاضل" ۽ "ديوان
سانگي" گهڻو ڪري "ديوان گل" جي طرز تي لکيل
آهن. پر اوڻيهه صديءَ جي پڇاڙيءَ ۽ ويهين صديءَ
جي اڳياڙيءَ ۾ جا شعر جي اوڙڪ ٿي، سا نه ڇڙو
پارسي بحر ۽ وزن تي بدل آهي، پر ان جو سارو
مضمون ۽ معاملات، تشبيهون ۽ تمثيلون، سڀ پارسي
شعر تان ورتل آهن. انهيءَ مان گهڻو شعر ته آهيئي پارسي
شعر جو ترجمو: غزل، رباعيات، قصيدا، فرد، وغيره.

پس ڏهن دلبر سندو يارو انهيءَ آن ياد ڀيم.
سرو ۽ سمان تي چو پئي وڃي منهنجي نظر،
قد بالا تنهنجو اي سروخرا مان ياد پيم"
"زندگي منهنجيءَ کي ڪيو هجر ات گلفام تلخ،
عشق جو آغاز شيرين ٿيو مگر انجام تلخ"
"تي چيو گل کي صبا ناهي زبان عندليب
(نياز)
"تو گل بدن ري باغ ۾ نا لڳ ڪيو ستم،
دل منهنجي جان گلن جا جگر چاڪ ٿي پيا"
(واصف)
"سوا محبوب گلشن ۾، مٽي گلگون نه
گهرجي تو،
دل پر خون منهنجيءَ کي، زياده خون نه
گهرجي تو."

مٿين هنن ورتل مصرائن مان ڏسبو ته، هاڻوڪو سنڌي شعر ۾ اڃا پارسي جي ڏاڍي اثر کان آجو ڪينهي. پر ايوس جو شعر خصوصن ۽ فاني ۽ بين ڪن جزوي هاڻوڪن شاعرن جو شعر، هڪنئين واهو منهل ۾ آيو آهي، ۽ يا ته سنڌيءَ جي اصلي سيتا ۽ النڪار کي وري ورتو اٿس يا بلڪ نئون روپ ورتو اٿس.

(٥)

اوڻويهين ۽ ويهين صديءَ ۾ سنڌي شعر مطالع ڪرڻ سان روشن ٿيندو ته سنڌي شعر جي نهر جي

اچي، ۽ سندس شعر ۾ ڪوشش جا آثار گهٽ ٿا ڏسجن.

ديوان سوڀراج ٽرملداس "فاني" جي تخلص سان شعر ٿو چوي. هن صاحب جو شعر ابياس ۽ ڌيان جو نتيجو آهي. ورڊسورٿ، انگريزي شعر جو گفتو ته- "شعر آهي خيال ماٺ ۾ مطالع ڪيل،" ديوان سوڀراج جي شعر سان لڳي ٿو. انهيءَ ڪري قدرتن سندس شعر ۾ جذبي جو سادو اظهار يا انهيءَ جو شعاع غير حاضر آهي. باوجود انهيءَ جي سندس شعر متين ۽ موزون آهي، ۽ سهڻن اشارن ۽ شاعري صنعتن سان ڀرپور آهي. سندس عالم هئڻ ڪري، ڪڏهين ڪڏهين سندس شعر ۾ خيال جي گهرائي ۽ ڇت ڏاڍي گهاٽي ٿيئي، جو هڪ نقص آهي.

سنڌ ۾ ڪا شاعرن جي اڻاٺ ڪانهي. سنڌي شعر جا هاڻوڪا منتخب اٿلائبا ته چڱي چوکي قطار ڪوين جي نظر ايندي. پر انهمان گهڻا سارا اڃا پارسي مضمون ۽ روپڪ جا پابند آهن.

"اڄ باغ ۾ گل تي ٿي ترانه ڪيو بلبل
گلزار ۾ هو شغل شهانو ڪيو بلبل"

"اشڪباري ٿي ڪئي مونکي ڏسي رنجور
شمع،
سرد آهن منهنجي ڪان تي يڪ قلم ڪافور
شمع."

"غنچه گل کي ڏٺو جڏهن وقت مون ار شاخ گل،

ٻڌويءَ جي دعويٰ نٿو ڪري سگهي.

سنڌي شعر جي لهر، انهيءَ ٻيٽل جيوت جــي جبل مـان آجــي ۽ آزاد ٿئي، تنهنڪري هڪ وڏيءَ شاعرانيءَ شڪتيءَ جي ضرورت آهـي. اها شڪتي نئين زماني جي نون ويچارن ۽ وٿن، نون جذبن ۽ جوش کي، نئين زماني جي نئين الڪار ۽ روپڪ جي ويس ۾، ڪوٺا ۾ آڻي، اها جولاني جنبش اٿاريندي، جو سنڌ جي شاعراني نهر، هڪ ئي طاقتور اڏمي سان اٿي، گجگوڙ ڪري وهڻ لڳندي. ٽڪرين ۽ ڏڙن تان ٽپندي، چمڪندي، ڇهڪتا ڪندي، سنڌ جي ماٺيڙي ميدان ۾ پـار هونــي پيئي وهندي، ۽ سندس نرمل پاڻيءَ ۾ نئين روشنيءَ جو روشن آفتاب جهلڪا ڏيندو، سنڌين جي اک ۾ نئين چمڪ، ۽ سندن دل ۾ نئون امنگ ۽ آنند پيدا ڪندو. اهڙي شڪتي ڪڏهــن انساني جامــو پهري سنڌ جي سرسبز ٽيندڙ کهني ديس ۾ جنم وٺندي؟

("سنڌو" سيپٽمبر ١٩٣٢ع)

وهڪي سنڌي جيوت جي ڪنهن ويراني ۾ اچي
ويٺي رهي آهي. هڪ پاسي اٿس سيد عبدالڪريم
۽ شاه عبداللطيف واري سمپرداءِ (Tradition) جو
عرشين اوچو جبل ۽ ٻئي پاسي پارسي شعر جي
تقليدوارو پهاڙ. نهر کي انهن مان ٻاهر ڪڍي، نئين
نرت ۽ ناچ، ۽ نئين جلوي ۽ جهلڪ ڏيکارڻ جي
ڪنهين ٻه ڪامياب ۽ قوي ڪوشش ڪانه ڪئي آهي.
مرزا قليچ بيگ جي اٺا مار ٿي ڪيل ڪوشش ۾
اها قوت ڪانه هئي جا نهر کي انهن سمپرداين جي
نئرن مان آزاد ڪري. بيوش انهيءَ ڏس ۾ جا ڪوشش
ڪئي آهي، سا لاشڪ تعريف جوڳي آهي؛ ۽ جتي
جتي سندس ڪوشش کي ڪاميابي حاصل ٿي آهي،
تتي سندس شعر ۾ نئون جلوو ۽ نئون جذبو نظر اچي
ٿو. ٻر اهي ڪوششون نه مثل هڪ پاڻيءَ جي ڌارا
جي آهن، جا شاه واري يا پارسي ڏونگر ڊان وهي
جهلڪو ڪري، نيٺ هيٺ نهر سان مليو وڃي. انهيءَ
جو سبب اهو آهي جو نڪي سندس مشاهدو اهڙو
ڪشادو ۽ قوي آهي، نڪي سندس عبارت اهڙي
جهرڻن جي نيائي زوردار ۽ زبردست آهي، جو نهر
جي اڳيان بيٺل رڪاوٽن کي ٻڪ قلم ٻهاري وڃي.
اهو ئي سبب آهي جو اوڻويهين ويهين صديءَ جا
شاعر جي هيلتاء ٿيا آهن، سي ٻئي، ٽئي يا چوٿين
درجي جا آهن. منجهائن ڪو به پهرئين درجي جي

شاهه جو وشوُ درشن

شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي شعر ۾ اها ڪهڙي خوبي آهي، اها ڪهڙي سگهه آهي، جا کيس سنڌ جي شاعرن جو سرتاج بڻائي ٿي؟ سنڌ ۾ ٻيا به شاعر ٿيا آهن، پر انهن جي شعر مان اها انوپ هٻڪار ڪانه ٿي اچي، جا اَمرتا جي آهي. هنن جو شعر، برابر، روپڪن ۽ النڪارن سان سينگاريل ۽ بحر ۽ وزن تي ٻڌل آهي، پر ڇو اُن ۾ اها روح رچندي سهس رنگي راند ۽ سهس ڀاو جي رمت ڪانهي، جا شاهه جي شعر ۾ آهي؟ ڇو اُن ۾ اها وشالتا ۽ وسيع مشاهدو ڪونهي، جو شاهه جي شعر ۾ آهي؟ ڇو اُن مان اها موُج ۽ مستي ڪانه ٿي سري، جا شاهه جي شعر مان سري ٿي؟

انهيءَ جو راز اهو آهي جو شاهه ڪل ڪائنات، سرو برهمانڊ جو مشاهدو ماڻيو آهي، هن وشو درشن پاتو آهي. ساري رچنا هن هڪ هستيءَ، مطلق هستيءَ ۾ ڏسي آهي، جنهن ۾ جيوت جا سڀ ڏوند، زندگيءَ

ڪري ڪائنات جا ڪل مظهر، وشو جا نانا پرڪارن جا روپ ۽ رنگ، هن جي ليلا آهن. اَننت جڏهن پاڻ اَرپي ٿو، تڏهن ليلا رچجي ٿي. اَرپڻتا ۾ وڏو آنند آهي. انهيءَ ڪري هيءَ وشو ليلا وشو آنند آهي، ۽ پڻ وشو نيم.

اَهڙي شداس اچڻ سان، شاعر ڪي سارو برهمانڊ ليلا- ستان ڀاسي ٿو، ۽ ڪائنات جا سدا ڦرندڙ مظهرن مان هن کي ٻي- انت آنند اچي ٿو. ٻيءَ هو دنيا جي رنگن روپن، نُرتن ۽ ناٽڪن کان ڇرڪي ڪونه ٿو. انهن ۾ هو اَمر محبوب جي رمت ۽ راند، روح-پر اکين سان پسي ٿو؛ انهيءَ مشاهدي ڪري ئي هو ٻارهوئي حال يا وجد ۾ گهاري ٿو.

انهيءَ ڪري شاه پڻ سنسار جي جيون جا ناٽڪ دلچسپيءَ سان ڏسيٿو ۽ هنن جي ڦرلن ۽ ڪمزورين، سکن ۽ ڏکن، جاکوڙن ۽ طلبن جا بيان ڪريٿو؛ پر آخر اِهائي وحدت وجوديءَ واري تنوار تنواري ٿو ته:-

لهرن لک لباس، پاڻيءَ پسڻ هيڪڙو.

۽

سو پکي، سو پکرو، سو سر، سوئي هنج.

هو سهڻيءَ جي اَجهل عشق ۽ اچرج ۾ وجهندڙ سورمائي جا اَنوپ چٽ چٽيٿو. جڏهن هوءَ درياه جي دهشت ۽ دم ڏسي ۽ ڪنن جا هراس ۾ وجهندڙ ڪڙڪا سڻي ٿي، پاڻ کي انهن ۾ اَڇليو وجهي، ۽ ٻڏهڻ جي

جا اختلاف ملي، سروتا جي پورنتا ۾ غائب ٿيو وڃن.
چي:

پاڻهه جل جلاله، پاڻهه جان جمال،
پاڻهه صورت پرين جي، پاڻهه حسن ڪمال،
پاڻهه پير مريد ٿئي، پاڻهه پاڻ خيال،
سڀ سڃاڻي حال، منجهانئي معلوم ٿئي.
پاڻهه پسي پاڻڪي، پاڻهه ئي محبوب،
پاڻهه خلقي خوب، پاڻهه طالب تن جو.
ڪوڙين ڪاپائون تنهنجون، لکن لک هزار،
جيءَ سيڪهن جيءَ سڄڻ، درسن ڏاڙون ڏار،
پريم تنهنجا پار، ڪهڙا چئي ڪيئن چوان؟

اهڙي احساس اچڻ سان، انسان ساري جهان سان پنهنجي گهري مائٽي محسوس ٿو ڪري. اڳي ائين ٿي ڀانيائين ته ماديات جي بندش ۾ اچي پيو آهيان؛ هاڻ هو پاڻکي بند ۾ نٿو سمجهي. هاڻي هو ڄاڻيٿو ته جر ٿر، جيو جنتر، پکي پکڻ، مرون ۽ ماڻهو، آسمان جا ڪل ستارا توڙي فرشتا، سڀ هڪ لاشريڪ حق ۾ وسن ٿا.

هو آهي اول، هو آهي آخر،
هو آهي ظاهر، هو آهي باطن.
هو آهي ڪل شين جو ڄاڻو. (قرآن شريف)

اوائل ۾ هو ئي آهي. ٻيو ڪجهه به ڪينهي. هُن مان ئي سڀ گرهه ستارا، سڀ جيو جنتر اپجيا. انهيءَ

سيئت ٻچار ٻرڻ جي، سيئت هوس حضور؛
ملڪ مڙو منصور، کھي کنده کيترا؟

اهڙو جيو ٿي سچي عالمگير برادريءَ جي جيوت گهاري ٿو. هنجي لباس ٽان جات پات، ڪڙم ڪوفي، ديس پرديس، مذهب ملت جا ٿپا لهيو وڃن. هو صوفي لاڪوفي ٿيو پوي، سيئي جو پاءُ.

صوفي لاڪوفي، ڪونه پانئيس ڪير،
منجهائي منجه وڙهي، ٻڌر ناهيس ٻير،
جنهين ساڻس وير، تني تنهين جو واهروُ.

هو جاڻي ٿو ته ٻئي کي اهنج ايذاءُ رسائڻ آهي پاڻکي ڏکوئڻ، ٻئي کي مارڻ آهي پاڻکي مارڻ. شيخ سعديءَ وانگر هو محسوس ٿو ڪري ته:-

بني آدم اعضاي يڪ ديگرند.

ڪشي ڪان ڪمان ۾، ميان مار م مون؛
موُن ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي.

جي ڪو ڪر ساڻس ڪونس ڪري ٿو، ته به سڀدس اکيون هن ۾ ٻرڻ پسن ٿيون.

مونکي اکڙين، وڏا تورا لاتيا؛
ته ٻڻ ٻرين پسن، ڪٺان جي ڪر سامهيون.

مطلب ته اهڙي شناس واري زندگي گهارڻ سان انسان فرشته سيرت ٿيو پوي.

اهو ئي آهي آدي ۽ اٽدي مذهب. حديث آهي ته گهٽيون آهن راهون رب ڏانهن. جيترا روح، جيترا

انفرادي هستي ميٽيو ڇڏي، تڏهن شاهه جو شعر معراج واريءَ منزل تي رسي ٿو، ۽ هو آئي چوي ٿو:-

ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سو ئي،
آهي نڪو ٻئي، ٻجهه ٻجهاندڙ ڳالهڙي.

سسئي، جام پنهل جي فراق ۾، پنهور جا پاڻ ڇڏي، پاڻکي روهن ۾ رولي ٿي؛ پر جڏهن باهرين ڳولا ختم ڪري ٿي، تڏهن اندر ۾ جهاتي ٿي پائي، ۽ سندس دل توڙي دماغ ۾ ٻيو جون پنهون پنهو پورا ٿيو پون ۽ پوءِ پنهونءَ، پهاڙن ۽ پاڻکي هڪوجود ڏسي ٿي. چي:-

پنهي جان پاڻ ۾، ڪيم روح رهاڻ،
نه ڪو ڏونگر ڏيهه ۾، نڪا ڪيچن ڪاڻ،
پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور هئا.
وهم ور سايان، نا نه پنهون آءٌ پاڻ هئي.
سي ۾ پنهون پاڻ، ڪينهي ٻيو ٻروچ ري.

جڏهن انسان ۾ اهو وحدت وجوديءَ وارو جاڻ اچي ٿو، تڏهن ٻي زندگيءَ جا اخلاقي معيار ٿي قرب وڃن. هو ڪائنات جي سيني وٽان مان انا الحق جي تلوار ٻڌي ٿو. شاهه صاحب چوي ٿو:-

جو ٿو، لڪ تلوار، ويڻ ڏڻ وائي هيڪڙي.
انهيءَ ڪري

سينئي شي ٿيا، سوريءَ سزا وار؛
هت منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيندا چاڙهئين؟

● شاهه عاشق

هر عاشق شاعر آهي ۽ هر شاعر عاشق آهي. اُهو
ڪهڙو عاشق آهي، جنهن جي قلب ۾ شاعرانا جذبا نہ
اُڀريا آهن ۽ جو عشق جي غلبي ڪان شاعراني لاٽ ۾ نہ
اچي پلٽيو آهي؟ دراصل، عشق شاعريءَ جو مول ۽
مکيہ جزو آهي. هونئن نہ تہ شاعري برابر خدائي ذات
آهي، پر جيئر عشق انسان پيرو نہ ٿيو آهي، تيئر اها
اجا مثل مکڙي جي آهي؛ جنهن کي ڦوُلي حسن ۽
هبڪار جي اظهار ڪرڻ لاءِ عشق جي آفتاب جي
عين ضرورت آهي. غرض تہ عشق شاعريءَ جي
ڪماليت جو ڪارڻ آهي. دانتي الليءَ جي امر
شاعر جو ذڪر آهي تہ بياٽرڪ جي درشن پائڻ سان
ئي اها خدائي ذات ٻجليءَ جيان يڪو ڪري سندس
قلب مان نڪتي ۽ سندس وجود کي هٽي روشن
ڪري ڇڏ يائين.

شاعر سانگہ گهٽا ڪندو آهي. پر انهن سانگن

اَهي آدم جا نفس: اِهي سڀ اَکيچار راهون، انهيءَ آدي مذهب جي مرڪز ۾ اَچيو ملن. پوءِ ڪفر ۽ اسلام جا ويڇا واءُ ٿيو وڃن ۽ طالب معرفت جي موج ۾ اَچي، چوي ٿو ته:-

عين شرڪ اِيءُ، جئن اِي شرڪ ڀانئين پاڻکي،
وڃائي وُجوُد کي، پاڻان پاسي ٿيءُ،
هڏهن ڪونهي هيءُ، هوُ پڻ ڪونهي هن ري.

هوُ پڻ ڪونهي هن ري، هي نه هئان ڌار،
الانسان سري وَاَنا سره: پروڙج پچار،
ڪندا ويا ننوار، عالم عارف اَهڙي.

ڏسڻ ڏسين جي، ته همه کي حق چوين،
شارڪ! شڪ م ني، انڌا! انهيءَ ڳالهه ۾.

اِهو خيال، اِهو مشاهدو، شاهه صاحب جي تاچي پيتي ۾ مڙهيو پيو آهي؛ ۽ جيستين سنڌس ڪلام انهيءَ جي روشنيءَ ۾ نه پڙهبو، تيستين انهيءَ جو سچو سار نه سمجهبو.

(مهراڻ: ۱۹۴۰)

وڃي، تن کي محض انسان کي عشق حقيقيءَ
۾ آڻڻو ٿو پوي؛ پوءِ ته

”هتان ڪٽي هت، جن رکيو سي رسيون“

شاهه صاحب جي پٽ کان اٽڪل ٻه ميل پري، ٽکر ٽي، ڪونڙيءَ جو شهر هوندو هو، جنهن کي زماني جي دور اچ پون سان ڦيرو ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪونڙيءَ جي شهر ۾ ارغوان گهراڻي جو مرزان مغل بيگ رهندو هو. هو شاهه صاحب جي والد حبيب الله سان گهڻو ٺهيل هو، جو مغلن جي سچي ڪرم جو مذهب اعتقاد هوندو هو. ويل ڪويل، کو منجهائن اگهو پوندو هو، يا ڪا مشڪلات اچي پوندي هين ته ٻه وڙي هنوت ايندا هئا ۽ صلاح مصلحت ڪندا ۽ تعويذ سڳرو ڪرائيندو هئا. هڪ لڳا مرزا مغل بيگ جي وڏور حسين نياڻي، سيده بيگم، اچي ناچاڪ ٿي، سو دستور موجب حبيب الله کي سڏڻ آيا، پر هو خود کو انهيءَ ڏينهن ئي مزي ٿي پانيو، سو هن جي بدران شاهه صاحب کي وٺي آيا.

مغل اصل پردي جي نسبت ۾ ڏاڍا خبردار هوندا هئا. ڪنهن به سستارئي کي پنهنجي حرم ۾ پير پائڻ نه ڏيندا هئا. بلڪ انهن جا ڪمڙا مرد ڪٺين کي ڏئڻ ڪين ڏيندا هئا، نڪي وري هنن جا ڪجاوا نر اٺن تي ڪڍائيندا هئا.

ڪرڻ لاءِ ٻه شخصي آزمودي جي گهرج آهي. جيڪڏهن شاعر عشق جي پيچري جو واقف ۽ انجي خوبين جو ذاتي ڄاڻو نه هوندو، ته پوءِ هو ڪيئن ڪنهن عاشق جو سانگ ڪري سگهندو ۽ ڪيئن هنجي پريم جون خوبيون بيان ڪري سگهندو؟

شاه عبداللطيف شاعر لاثاني ٿي گذريو آهي. عشق ۽ الفت، فراق ۽ ڦورائي، وصال ۽ وحدت جا عجيب بيان ڪيا اٿس. ڪڏهن سسئيءَ جو سانگ ڪيو سندس سور پيو آلاپي، ته ڪڏهن وري ڄام تماچي جو ويس ڍڪي، نوريءَ نماڻيءَ کي پيو پنهنجي پرت سان سرخرو ۽ سرفراز ڪري اهي ۽ ٻيا پڻ انيڪ جي عاشقاڻا سانگ ڏو ڪري ۽ انهنجي پريم، وره، سختين ۽ وصال جا بيان ڪري، تن لاءِ ضرور ذاتي آزمودي جو ڪم آهي. شاه صاحب جي جيوت ۾ اهڙي عشق جي اوڻائي نظر نه ايندي. هن محبت جي مت مان خوب پريم پياليون پيتيون ۽ انساني عشق جي بدولت عشق حقيقي ماڻو هو.

اوائلي، طالب لاءِ اهو انساني عشق اٽر ضرورت آهي ۽ انهيءَ جي ڪمائڻ سان ئي هو عشق حقيقي پروڙي ۽ پائي سگهي ٿو، جو ٻنهي جي ذات هڪڙي پائي آهي، ڇڙو ظاهري روپ يا صفات ۾ نرالا آهن. جن جو من هيڪر انساني عشق سان سم ٿيو

سنڌي ۽ صاف ڪانهي. پر هر جو پيچرو اڻانگو ۽
اوکو آهي.

”عشق نه آهي راند - جو ڪنس ڳيرو.“

ماڻهن جا مهڻا، ڦٽ ڦڪا، لاڦون ۽ لعنتون سرتي
کڻڻ، سداء ٻره جي ٻاهه مان لنگهڻ، سڪ ۽ سوز ۾
سڙڻ، ويجهڻ، چيرجڻ، چيچلائڻ ۽ وري اهي مڙيئي
مصيبتون محبوب جو مشاهدو ڪري سمجهڻ ۽ ذري
نه جهڄڻ ۽ وجهلڻ، رئڻ ۽ راڙي ڪانسواءِ ٻاخوشيءَ
برسر ڪرڻ، ڪو عام ماڻهوءَ لاءِ سوکو ۽ سهنجو
ڪونهي. جو هن راه عشق جي ۾ گهڙي، سو انهن
ڪل ڪشٽن ۽ ڪشالن لاءِ تيار هئڻ گهرجي.

شاه صاحب جي محبت جي وهڪ کي نه گهٽيئي
رنڊڪون ۽ اٽڪون پيش آيون مگر پاڻيون نه اسان
جي اي عزتي ڪٽي اٿس، سو وتي سيدن سان وير
پاڻائون، اهڙو جو محال جو هنن جي ٻنهي ٻاهرون لنگهي
سگهن. ڪهڙو شڪ آهي نه. شاه جيهو عاشق،
چوڏهينءَ سندي چنڊ جي چانڊاڻ ۾، ”لوڪ لتاڙي
ننڊ ۾“ پنهنجي محب متي مختار جي ماڙيءَ هيٺان
سرڪي وڃي بيٺو هجي، ۽ هن نه اندرئين چڪ ۽
سڪ وچان دريءَ مان مجهان ليئڙو پائي، هن تي
چوڏهينءَ جي چنڊ کان وڌيڪ جلالي ۽ جمالي نور
جا ترورا پيا هجن، ۽ هو ان جمالي ۽ جلالي حسن
کان مخمور ٿي، ڪنهن عجب مستيءَ ۾ اچي، شعر به

سو جڏهين شاهه صاحب سينده بيگم کي ڏسڻ ويو، تڏهين نينگر ڪپڙن ۾ ويڙهجي بستري جي کٽ تي ليٽي پيئي هئي. شاهه صاحب سندس چيچ ڪئي، پنهنجي هٿ ۾ جهلي، ۽ انهيءَ دم هن اڪيلي سر قوراني جي فڪرن ۾ پڪيل روح کي ڪا مخفي مام ملي ۽ ان عظيم مهل جا ڪن پلارن پاڳه وارن کي بخت ٿو پرائي، هن پنهنجو انادي آتمڪ سنبنڌ هن نينگر سان صحيح سڃاتو، ۽ روحاني طور محسوس ڪيس ته جڏهين خدا "ڪن فيڪون" چئي اپا هيءَ پون ۽ ڪاڻ پتري هئي، ۽

"تڪا ڪن فيڪون هئي، تڪو لڳ لحم،
هيو نه هو بت ۾، اپا ڪو آدم،"

تنهن ڪان اڳي آءٌ ۽ هي روح جو جمالي جزو وحدانيت ۾ هيڪ هئاسين، ۽ اسين ٻئي ڪل جو هڪڙو جزو، ٻن قالبن ۾ آهيون ۽ جيسين اسانجو وصال نه ٿيو آهي، تيسين اُن مطلق سعادت ۽ پرم آنند کي پهچڻ محال آهي؛ جو ٻڪوجوديءَ سان ٿو حاصل ٿئي. جڏهن نه مارئيءَ چيو ته خدا جيائين روح خلقي، ڪانئن "قالو بلا" وارو قول ورتو، "مارو تڏهين مون پيهر، پاڳي آيو،" تڏهن شاهه به اهو "اواڻلي ساڃهه" پروڙي، حاضر پڙن مغلن کي چيو ته "جنهنجي آڱر سيد جي هٿ ۾ آئي آهي، تنهن کي نه لهر نه لوڏو جيسين ڪ سيد کي ملي" عشق جي اوت ڪا

سختيءَ جي نظر رکي هجين ۽ سيده بيگم کي اندر "قيد حرم" ۾ ڦاٿو ۽ پوشيده رکيو هجين. پر عاشق صادق انهن ٻاهرين ٻندن ۽ ٻڌن کان مٿي چڙهي، پنهنجي من کي محبوب ڏي سنيهڙن سان ٿو مڪجي ۽ ان مخفي نموني مٿي محب سين ملاقاتون ۽ رهاڻيون ٿو ڪري. شاعر اُن نيارا نينهڙ من کي ڪانگ جو روپ ڏنو آهي:-

(۱) ڪري، ڪانگ، ڪرنشون،
پيرين پئي پڇيج،
آءُ جو ڏنين سنيهڙو،
وچ نه وساريج،
الله لڳ لطيف چئي،
ڳجهو ڳالهائيج،
چڱان ٽئين چئيج،
ته ڪيانتان، خوش ٿئين.

(۲) زاغ، تنهنجي ذات جو،
ٿورو مٿي مون،
اڏامج عبداللطيف چئي،
صبح سيڻن ڏون،
ڪج ويٺيون وڙ ئون،
ٻاجهائج ٻهون،
ته لالن ڪونه لهون،
جهوٽو جهان ۾.

پلنگ پنهنجي سهڻي سهڻن سان رهائين ۾ چڱڪيو هئي، جنهنجي آواز تي گهر جا ڀاتي جاڳي پيا هئن ۽ ٻنهي کي ڇينڀي ۽ ملامت ڪري، سونهاري سيد بيگم کي زوري گهيلي اندر ڪيو هئين، ۽ هي شاعر عاشق اُتي کپ کوڙيو، گذريل ملاقات جي دور ۽ خيال ۾ محو ٿي هيٺين چوندو بيٺو رهيو هئي ته:-

(١) ڪٽي نيڻ خمار مان،
جان ناز ڪيائون نظر،
تارا ڪتيون تائب ٿيا،
ڏيکندي دلبر،
سورج شاخون جهڪيون،
ڪوماڻو قمر،
جهڪو ٿيو جوهر،
جاني جي جمال سان.

(٢) ناز مڙهان ران نڪري،
جان ٻرين ڪري ٿو ٻڌ،
پون ٿا پڙ بسم الله چئي،
راهه چمي ٿي رند،
اُپيون گهڻي ادب سين،
وٽي حورون حيرت هند،
سائين جو سوگند،
ساجن سيڻان سهڻو.

شايد اهڙي واقعي ڪانپوء شاه صاحب تي زياده

دلسوز ليڪن دلچسپ شعر ۾ جنهن ڀاڱ انهن مان
لکيو آهي تنهن چوندو ويو آهي.

"ڪي جو ڪيڏانهن، اکيون ڀسي آيون،
ڪاٺين ليڏانهن، ڀيون ڀاڱ مهاڙيون.
"وسن ۽ وهسن، ڏهاڙي ڏسڻ لئي
جنهن جنهن پرين پسن، تنهن تنهن تشا نينهن جا."

ٻيهر هوبهو حقيقت ويٺو بيان ڪري:-

"اکڙين آرو، مونهان پڇي، نه ڪيو،
الي وڃي اڙيون، جتي چوڻ ناهي چارو،
هنڱو ويچارو، واٽيون ڏسي وجهلي."

وري رات جو گگن ۾ قمر ۽ ڪتين ڪي پنهنجي پريتم جي ڀاري ۾ ڇا نه عجيب ۽ عجائب گفتا اليا اٿس!

عاشق ۾ حسد ۽ ساڙي جو انگ قدرتا ٿئي ٿو. هو ڪنهن به بني بشر يا ٻئي ڪنهن خلقيل وٿ کي پنهنجي جانب جو جيس جوڙ ٿو سمجهي. هن لاءِ جمال ۽ جلال ٻئي اچيو سندس محب جي منوهر دلڪش منهن ۾ ڪماليت ڪن. سو شاه صاحب پڻ چنڊ کي ٿو چئي ته اي چنڊ! تون ڇا سپرينم سان سيدو ساهي سگهندين؟

(١) چوڏهين چنڊ! اڀرين،
سهسين ڪرين سينگار،

پوءِ هي وره وارو ويو عاشق هجر جي حالت ۾، مجنون وانگر مست، جهنگ، پٽ ۽ بر بيابان ڀٽڪندو ۽ پنهنجي سونهاري سڄڻ جي ڳولا ۽ پنهنجي پرت ۽ فراق ۾ بي خود شعر چوندو وتيو. هڪ لڳا، ڳالهہ ٿا ڪن، تہ برپٽ ۾ هڪ واريءَ جي دڙي تي ويٺي، پريتم جو ويچار ڪيائين تہ عشق مٿس اهڙو غلبو ڪيو، جو بي سرتيءَ جي حالت ۾ پريا ٽي ڏينهن اهڙيءَ ئي وينو رهيو، ۽ مٿس واري وري آئي. ڪنهن پنوهار جي هنن تي نظر پيئي، تنهن وڃي سندس والد حبيب اللهہ سان ڳالهہ ڪئي. حبيب اللهہ حب ۽ اڪير سان اوڏانهن ڊوڙندو ويو ۽ پريان پٽ کي هٿن واريءَ ۾ دبيل ڏسي ڀانيائين تہ مري ويو آهي. سو ڏاڍي سوز مان چيائين:-

"لڳيو لڳي واءُ، ويا انگڙا لڏجي".

شاهہ صاحب اُن درد ڀري دانهن تي اُچانگ ماري اٿيو ۽ وائيءَ ۾ چيائين تہ:-

"پيئي ڪٽي پساهہ، پسڻ ڪارڻ پرين جي".

ان فراق جي حالت ۾ شاهہ صاحب شعر بي نظير چيو آهي. اکين جو اڙجڻ، نيڻن سان گهائجڻ، ڪرن ڪارو ڪپڙن جي ڪونس ۽ ڪرائي، دلبر جي ديدار لاءِ وره ۾ واجهہ وجهڻ، سڪ ۾ سڙڻ ڪانگ ۽ قمر هٿ نياپا مڪڻ، مطلب تہ عشق جون سڀ حالتون

(٣) جان ڪي ڪري طبيب،
دارون هن درد جا
هيو سي حبيب،
اکوڙيو اڌ ڪري

۽ پوءِ نهايت ورھ جي وجد واري حالت ۾ اچيو شعر ۾ پڙھجي :-

(١) هيءَ هيءَ وهي هاءِ،
سن ۾ محبوبن جي،
جيرا جوش جلائيا،
پڪن پري پاھ،
پسو مچ مٺاءِ،
جي ويساھ نہ وسھو.

(٢) سر جو سڄيو سڄڻين،
پڱان پاڻ پري،
ويو وجودان نڪري،
ڪڙ ڪڙ ڪان ڪري،
پڇو پير پري،
نہ ڪو ٿريو هٿ حبيبن جو.

۽ پوءِ ٿو پڻهنجي پرڻ ۽ لاءِ واجهائي چوي ٿو :-
"اچين جي هيڪار، موٽ سارينديءَ سڄڻ،
پيرين ٿرڻ پڻبٺيون، هنڌ وڃايان وار،
ساجن سپ جمار، هوند گولي ٿي گذاريان."

مطلب تہ شاھ صاحب جي حياتي ۽ جي هن واقعي،

ٻلڪ پريان جي نه ٽڙين،
جي حيلا ڪرين هزار،
جهڙو تون سڀ ڄمار،
تهڙو دم دوست جو.

(٢) چنڊ تنهنجي ذات،
پاريان ٿان نه پرين سين،
تون اڀو ۾ رات،
سڄڻ نت سوجهرا.

وري جو ڏسي ٿو ته اهو ئي ساڳيو چنڊ سندس سپرينءَ جي مٿان هٿ پيو چمڪي، سو ٿو انکي چوي ٿو:-

"تون، چنڊ، اهوئي، جو هٿ پسين پرينءَ کي،
آ ڏٺ ڇڱج انکي، ڏيانءَ جو روئي."

وري، جڏهن ويڄ سندس دوا درمل ڪرڻ ٿا اچن، تڏهن ڪين جوش ۾ اچيو چئي:-

(١) تن طبيب نه تون،
جو سڌ ڏيئي لهين سور جي،
سانئي پنهنجا ڏيڙا،
ڪڏ ڪٽي منجهه پون
ڪانءَ گهر جي مون،
حيالي هوتن ري.

(٢) ويڄ، م ٻڪي ڏي،
الا! ڇڱي م ٿيان،
سڄڻ مان اچي،
ڪر لاهوتي ڪڏهين.

پڙهي ها، پر ”پورڻ ٽيل جزو“ جيسين ڪل سان همساز نٿو ٿئي، تيسين حياتيءَ جو مقصد پورو نٿو ٿئي.

شاهه صاحب جي موٽي آئي، اڃا ٿورو عرصو مس گذريو هو، ته هڪڙي ڏينهن دل ذات جا ڪي چور وجهه وٺي، مرزا مغل بيگ جي گهر ۾ ڪاهي پيا. مڙس ماڻهو گهر ۾ ڪونه هو. سو جيڪو مال متاع هٿ لڳن، سو ٻڌاري ويا. ڳالهه سڄي شهر ۾ پکڙجي وئي ۽ مغل هٿيار ٻڌي، چورن جي پٺيان پوڻ لاءِ تيار ٿيا. شاهه صاحب به پاڙي ٽوڙي نينهن جو ننگ سڃاڻي، ڪي ماڻهو وٺي اچي هنن سان شامل ٿيو. پر مغلن کي اها ڳالهه ڪين آئڙي. چيائونس ته تنهنجي مدد جو اسانکي ڪپ ڪونهي. شاهه صاحب تنهن تي سمجهائين ته انهيءَ ۾ ڇا آهي. آءٌ ته پاڙي جي حق ادا ڪرڻ لاءِ اوهان سان ٿو هلان. پر هو اٽ هٺي بيٺا ۽ شاهه صاحب کي وڻ ڏيڻ لڳا. انهيءَ تي هن بي اختيار ٿي، مرزا مغل بيگ جي سڪڻي فخر ۽ ڪوڙيءَ وڏائيءَ تي هئن چئي ڏنو ته:-

”بيگ! تنهنجي بيگي، آهي ڪوڙيءَ ۾ ڪاڻ،
الٽم آس الله ۾، دل ماريندي مان.“

شاهه صاحب جو اهو چوڻ ڳٽو ئي ڪين ۽ مغلن تي وري آيو، جو جيڪي مغل چورن جي پٺيان ويا هئا سي سڀ مرزا مغل بيگ سوڌو هنن جي

سندس لکل جوهر کي ظاهر ڪري، عجيب شاعرانا جهلڪا ڏيارينـــا آهن. انهيءَ ۾ شڪ ڪانهي تہ ان شاعريءَ جي ذات سندس، ٻرت جي ڀيڄ اڙائڻ سان، پاڻ اِظهار ڪيو.

لاچاري ڪنهن ۾ ظاهري اُميد ۽ آسري جو چارو نہ ڏسي، هي عاشق، فقيرن ۽ سامين سنياسين جي سنگ ۾ ملڪان ملڪ گهمندو رهيو.

هر ڪنهن زماني ۾ ظاهري ريتن ۽ رسمن ۽ اعليٰ ۽ ادنيٰ جي خام خيالن عاشقن کي آزاريو ۽ دق ڪيو آهي؛ ۽ هنن جي مراد جي پڄاڻيءَ ۾ رڪاوٽون ۽ رنڊڪون وجهي، هنن کي ڀوهہ ۾ ڀٽڪايو ۽ روهن ۾ رلايو آهي؛ پر عاشق اهو سڀ برداشت ڪري، پنهنجي مقصد تي ثابت قدم ٿيو رهي، ۽ نيٺ نہ فقط پاڻ انهن ڪشالن ۽ ڪشٽن مان لنگهي، فيض ٿو پائي، پر آخر انهن ٻنڌڻن ۽ ٻڌن کي پڻ ڪل انسان ذات سان پيار ٿو پلائي.

پرين ٽن سالن ڪانپوءِ، شاهہ صاحب جهنگل جهاڳي ۽ ڏونگر ڏوري، وطن وريو. انهيءَ عرصي ۾ هن پنهنجي دل جي رغبت رب العالمين ڏانهن ورائي. ڪڏهن بہ صوفي سڳورو "جزي جي عشق" تي راضي نٿو رهي. هن جو ڪم آخر ڪل سان آهي. "جزو ويندو جوڳين، ڪل سين آهي ڪم". ڪيس سپرينءَ سان وصال سندس جزي جي وحدت

سڪو هوندو سو، جنهنجو عشق الله سين."

هونئن ته شاعر ته ساريءَ وس تي عاشق آهي. جيڪي ٿو هو پسي، تنهن تي هو پنهنجي صنعت پڌيو، عجب شعر ٺيو چوي. شاهه انهن لاثاني لاشريڪ شاعرن مان آهي، جي سرشتيءَ جي جزي جزي تي عاشق آهن ۽ انهن مان راز روحاني پيدا ڪين ن.

درياهه جي ڏؤرن، مهراڻ جي موجن، گلن ڦلن جي رنگتن توڙي گگن جي ستارن جي جهڳ، مگر شاعر ۾ امنگ ۽ جذبا ٿي اٿاري ۽ هو اچيو شعر ۾ پلٽجي. هو انهن ويسن، ورنن ۽ رنگن ۾ محبوب جو منهن ٿو پسي ۽ سدائين انهيءَ جي ساراهه ۽ ثنا، پنهنجو چنگ چوريو، ڳائيندو وتي.

هو جو الله الشانہ جو اوش ۽ حسن، جلال ۽ جمال هر هنڌ ۽ هر جاءِ ٿو پسي، سو ڪيس هنجي محبت ۾ مست ڪيو ڇڏي ۽ هي عاشق شاعر "ڪل حسن" جي عشق ۾ مست ٿيو، وتي ان کي پنهنجي راڳ سين پوڄيندو. جيڪي ٿو ڏسي، جيڪي ٿو پسي، سو ٿو سندس سيني ۾ اهو حسن پرستيءَ جو عاشقاڻو انگ اٿاري ۽ هو اُن ۾ ويڳس جو مشاهدو ماڻي، سدائين لاتون پيو لنوين. عاشقن جا ويس ڏيکيو پيو انهن جي پريت جا ورنن ڪري، ۽ پاڻ کي هنن سان همساز ڪيو، انهن جا غم گوندر روئي، ۽ آخر سهڻي سان وصل ڪري ●

(ڪاليج مسلني: ١٩٢٤)

هٿان مارجي ويا. انهيءَ حادثي تي مغلن جي ذالن کي اچي خيال ٿيو ته هي سڀ سيد سان وير ٻائڻ جو سڏ آهي؛ سو هنن سان ورئي ڳنڍڻ لاءِ اچي سيد حبيب الله کان معافي مڱيائون ۽ سيده بيگم جو سنگ شاه صاحب کي ڏنائون.

"ڪنور پاڙون پاتال ۾، ڦنور ڦري آڪاس،
ٻنهي سندي ڳالهڙي، سا رازق آندي راس،
تنهن عشق کي شاباس، جنهن محبتي ميڙيا."

وصال جون واڌايون وريون ويئون. قادر شاه عبداللطيف جي من جي مراد، پنهنجي توڪل سان نسي، پڄائي. "جزي" جو وصال ٿيو ۽ ڪل ڪارج سڌ ٿيا.

اها جزي جي هيڪڙائي، طالب کي، راه حق تي، وهر وڌائندي ٿي ڪري؛ هن لاءِ رستو سوکو ۽ سولو ڪريو ڇڏي. در حقيقت، انهيءَ هيڪڙائيءَ کانسواءِ ڪلي وحدت محال ۽ ناممڪن آهي. پر انهيءَ جي تحصيل بعد، طالب کي ڪو ماڻ ڪري وهڻو ڪونهي. هن کي پنهنجي دل جو دائرو مرڪزو ڪرڻو ۽ ان ۾ ڪال ڪثرت جي لاءِ محبت انهن ڪرڻي ٿي پوي ۽ انهيءَ ۾ هڪڙائي آتما جو ديدار پائي، ان "هڪ حق" تي پنهنجي عشق جي اوت ڪرڻي ٿي پوي ۽ پوءِ ٿي هو انهن نشچه ڪري ٿو ته:-

" ڇا کي وڃڻو ڇو، ٻيلي رهين ٻين جو،
وت ڪنڊڪ ڪرام جي، جڳ جو والي جو،

● شاهه حق جي ڳولا ۾

”پڇن سي پسن - جڏهن لڌهن پرينءَ کي ؛
ڏوريندڙون ڏسن - اڱڻ عجيبن جا.“

شاعر توڙي سندس شعر جو مقصد ڪهڙو آهي؟ ائين ته ڪونهي ته شاعر زندگيءَ جي چيدن چيدن روين کي نظم جو آڪار ڏيئي، پنهنجي ۽ عام خلق جي دل خوش ٿو ڪري، - نه هو حسن جي چهچٽن جي چيٽڪ هيٺ بيخود ٿي، گيت ڳائي، پنهنجي ۽ ٻين جي دل وندرائي ٿو، ۽ بس؟ جي، تحقيق، ائين آهي، ته پوءِ شاهه عام شاعرن جي باريءَ کان ٻاهر، پر انهن کان اوچو ۽ اعليٰ نظر ايندو. هنجو مقصد ڇڙو قدرت ۽ زندگيءَ کي روپڪ ڏيڻ ۽ راڳ ۽ رنگ جي رنجهه رهاڻ رچڻ ڪونهي. اهي ته صرف سندس مقصد مراد کي رسڻ جا واهڻ آهن. انهن جي ذريع هنجو روح حياتيءَ جي حقيقت جي اوڪ لوڪ ۾ سداءِ جنبيو ٿو رهي، ۽ وس جي ورٽن کي چيريو، انهن جي راز کي رسڻ لاءِ ٻارهوئي ٻيو ٻاڻ ٻچاڙي.

ناانگا نانيءَ پريا، هنگلا جون هلي،
ڏيکي ٽن دوارڪا، مهيسين ملي.

وري انهن راز محرم جوڳيڙن جي جدائيءَ ۾ — جوڳيڙا، جن سندون حق جي طلب ۾ تن کي تسياءَ ڏنيون ۽ ڏيهه ڏيهه جون ڏسيون ڏوريون هئائين، جن سندون جانب جي جمال ماڻڻ لاءِ جوڳ جوڳيا هئائين- تن جي جدائيءَ ۾ ڇا نه وڻيو روڊن لائي:

اڄ نه اوطاقن ۾ - ناازا پٽر ڪڪ؛
آديسي اٿي ويا، پيئي اڏامي رک؛
سامي ڪٽي سنک - وڄائي وات ٿيا.

٤

اڄ نه اوطاقن ۾ - سندي جوڳين ذات
ساري سنياسين کي - رنم ساري رات.

ڇا نه انهيءَ سر مان سندس طلب جي صداقت ۽ سچائي پيئي بکي!

انهن سامين ۽ سنياسين جي سنگت ۽ ناانگن فقيرن جي صحبت جي اثر هيٺ، هندجي هندستان جي پراچين سڀيتا ۽ ويدانت فلسفيءَ سان واقفيت ٿي؛ ۽ هن اسلامي تهذيب ۽ مت سان گڏ هندو ڌرم جي آتمڪ گيان جي اونهي عميق ۾ روحاني غواص جي گت پنهنجو خوب نڀيون ڏنيون. قرآن شريف ۾ جو ڄاڻايل آهي ته "اسان توکان اڳي وڏو عدد پيغمبر جو موڪليو آهي،" سو هن شخصي طور محسوس

شاعر ضرور تہ طالب آهي. ڪنهن ناگاہ گهڙيءَ هن جي روح پرڪرتيءَ جي پردي پر ليڙو پاتي، وڄ جي چمڪات وانگر ويڙگس جو مشاهدو ماڻيو آهي. هن جي دل غير جسماني حسن جي جلوي جهڙي آهي؛ ۽ هو انهيءَ اگم اگوچر سونهن جي طلب ۾ متوجه ۽ مستغرق آهي. اها طلب جي ٽڙنس سندس شعر ۾ نت نرالا ورن وٺي، پاڻ اظهار ٿي ڪري.

سامي سنياسين جي سنگ ۾

" سامين جي سنڀال - مهڙجو ڇت ڇڱو ڪيو. "

(سر رامڪلي)

شاهہ اڃا جوان جماڻ هو تہ ڪنهن آتمڪ درشٽيءَ دواران پهنجي محب جو مشاهدو ماڻيائين*، جنهن سندس جسماني چولي ۾ پانڻ تہ حسن ۽ حق پرستيءَ جي چڻنگ دکائي، جا نيت مٽجي اُهو مچ ٿي جنهن سندس سڪ ڦٽائي ڏنو؛ ۽ هي ورہ واءِ وڙو عاشق حسن ۽ حق جي سر صدي سڃاڻپ جي جستجوءِ ۾ ملڪان ملڪ گهمندو وتيو، ۽ سامي جوڳين ۽ سنياسين جو سنگ ڪري، زيارتون ڪندو ۽ تيرٿ ٽڪياءُ پيئيندو وتيو. سندس وسالي جو سر "رامڪلي" ئي ڪٺي ڏسو: سندس طلب ۽ تفحص جو عين ايں شاعرانو اظهار آهي.

* ڏسو لکندڙ جو " شاهہ عاشق " تي ليک، سنڌ ڪاليجئيٽ مسلمي، فبروري ۱۹۲۴ع -

ڀرڀائين پاڻکي گهر کان ٻاهر ڪڍي، ڪامل پورو
ڪيو هجي. هو ٻوءِ ٻلي وڃي حجري ۾ وهي."

— بيان العارفين

"لوچان ٿي لاحد ۾، هاديءَ لهان نہ حد." (شاهہ)

'بوجهہ' پوڻ سان 'جهاد اڪبر' — من سان يعني نفس سان جنگ — شروع ٿي ٿئي. من جنهنجي خاص وصف ٿي چنچلتا، سو سالڪ کي ڏاڍو تنگ ڪري. سالڪ من کي گهٽائي 'ڀنڊ ڀاڻ جا' ٿو وجهي، پر من 'نٿو ساڻ نيٺئي' کيس ڏاڍو ٿو گمراهہ ڪري، ۽ وٺي "منع ڪيل ميوو" چکيندو.

شاهہ کي اها جنگ جوڻي پيئي، تنهن ۾ ڪو ماتر بہ شڪ شبهو ڪونهي. سندس رسالي جي 'سر ڪنڀات' ۾ جي ڪرهي (اُٺ) تي بيت آهن، سي پڙهي ڏسو. من کي مٿي (اُٺ) جو وڌس ڏيئي، انجي ساري حالت بيان ڪئي اٿس:

" آڻي ٻڌم وڻجاءِ، مان مڪڙيون چري ؛
ڪڏا ٿرو ڪرهو، لکيو لاڻي ڪاءِ ؛
اِن مٿي سندي، ماءِ! مونکي ڳالهين ڳو ڙها ڪيو."

گهٽوئي ٿو ڀچيس تہ، چو 'چندن نٿو چرين'، چو 'موڪ جو سڄر پاڻي' نٿو پيئن، کهڙي اڪر توکي 'لاڻي' آندي آهي، پر هو ليکيس ٿي ڪونہ ٿو. تنهن ڏاڍيءَ جي در تي سوال ٿو ڪري تہ:

"چانگي سندي چت ۾، صاحب! وجهہ سٽين،
اُپايہ-وس ائين! لطف ساڻ، لطيف چئي."

کيو، ۽ سندس دل سچ ۽ گيان جي روشنيءَ کان کلي، اهڙي تہ فراخ ٿي پيئي جو اُتائين:

”اسلامان اڳي هئي، سا سڀائون بانگ۔“

(سر رام ڪلي، ف ٧، ١٥)

هنجي دل تان ذات پات جا ويڇاندر اُئين ٽُٽي ويا، جئن گنگا نديءَ ۾ پوڻ سان گل تان هر قسم جو ليپ لهي ويندو آهي ۽ هو پنهنجي اصلوڪي پوترتا سان وڃي سمنڊ ۾ پاڻ ارپيندو آهي.

گيان يا سچي علم ۾ اها خاصيت آهي جو اُهو انسان کي بي مطلب مريادائن ۽ ڪچن ڪوڙين ريتن رسمن جي پابنديءَ کان آجو ۽ آزاد ٿو ڪري. سچو طالب راهہ حق تي پهچي، الهدائيءَ سان حق جو نعرو ٿو هڻي، ۽ ڪڏهن بہ بي سود ۽ بيهودين مريادائن ۽ رسمن جي زنجيرن ۾ پاڻکي نٿو جڪڙي. شاهہ صاحب جڏهن پويون دفعو ناٿيءَ ويو، تڏهن هن کي مريادائون ڀڃا نہ آنديون، جنهنڪري ڪيس اُتي سکہ سکہ سمهڻ ڪين ڏناءُ، ڪيس پوئين پير موٽڻو پيو. لاشڪ اها سندس سچيءَ سکيا جي برڪہ هئي، جنهن مان هو سرڪٽو سوره سون ٿي نڪتو.

”اکہ اُلٽي ڏار، وانءُ اُلٽو عام سين؛
جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوڀو وهہ اوڀار.“
ساڻائون ۽ انـدر نـوچ نهار

”خلوت ۾ وهڻ انهيءَ کي لازم آهي، جڏهن

لکو ڪين، لطيف چئي، ٻاروچو ٻئي پار؛
نانئي نيڻ نهار، تہ توہ ڏيرو دوست جو."

هن اها هيڪڙائيءَ واري حقيقت اهڙي تہ چٽيءَ
طرح محسوس ڪئي، جو جتي بہ وڃي ٿي سي ملين،
اتي انهيءَ جي اظهار ڪندو ويو:

"ساهڙ سا سهڻي، سائر پڻ سوئي،
آهي اهوئي، ڳجهہ ڳجهاندر ڳالهڙي."

"سو پکي، سو پکيڙو، سو سر، سوئي هنجہ،
ٻيهي جان ٻروڙيو - مون ٻانهنجو منجهہ؛
ڏيل جنهنجو ڏنجهہ، سو ماري ٿو منجهہ ڦري."

۽ هر ڪنهن طالب کي چوندو وتي تہ:

"پاڻ پڙدو پاڻ ڪي، سالڪ سڄڻ تون،"

— تہ اهو پڙدو چڙو ٻاسي ڪريو تہ پوءِ ڏسو تہ
ڪئن نہ ڪثرت جي ڪل ڪثافت وحدت جي
وهڪ ۾ وهيو وڃي.

سنڌس شعر جي ساک

شعر سچ پچ شاعر جي جيوت جي جهد جو راڳ
جي روپ ۾ سنڌر، ڪلپنا اُتاريندڙ اظهار آهي. شاهہ
جي طلب جي طريق ۾ مستغرق روح سنڌس شعر ۾
سسئي، سهڻيءَ، ليلان ۽ مومل جي روپ ۾ پاڻ پڌرو ڪيو
آهي. هن روحاني راز تمثيلي ويس ۾ پڌرا ڪيا آهن.
مروج آکاڻين کي پنهنجي شعر جي جادوءَ سان نئون
لطف بخشي، پنهنجي خياليءَ جي آدرشن، جفاڪشين

پر اهو ساڳيو من جڏهن ڦرڻي جون ڦڙليون ڇڏي،
هٿ وس تو اچيس، تڏهن ڇا نه سائس ڀال تو ڀلائي،
ڇا نه مٿس اپچي جو اوهيرو ورسائي!

"چندن چکي آيو، ٻي ولهه وجهي نه واس؛
تو ڏي تنهن ونءِ تاس، جنهن ۾ بوءِ بادام جي."

جڏهن من مان ڪلي سندي ڪٽڪ جو غوغاءُ عدم ڏي گذر تو ڪري، تڏهن اُن ۾ ڀانئڻ نه شانتيءَ جو راڄ اسٿاپن ٿيو وڃي. هيءَ اُها ئي شانتي آهي، جنهن لاءِ ويدڪ زماني جي رشين واجهايو ٿي ۽ آخر انهيءَ کي پراپت ٿي ڪيو. انهيءَ مها شانتيءَ ۾ ليڙو لڙي پائڻ سان ئي "آتم درشن" — محبت جو مشاهدو — ماڻجي ٿو.

شاهه کي سندس سڄلاني آزمودي مان تحقيق ٿيو نه اُجهڻ ٻجهڻ، ليٽ ورت تڪيا پيئڻ ۽ ڏُڀاو ڏورڻ سان "جانب جو جمال" ڪين ماڻبو؛ سو پٽ ٿي پنهنجو مرڪز ٿاهي وٺو. پوءِ نه 'جهاد اڪبر' مان ڪٽي ڇٽو، ۽ پاڻ ۾ پيهي روح رهاڻ ڪيائين. ٻيائيءَ جا ٻنڌڻ لهي هيٺ پيا، ۽ اُنائي:

"اسين سڪون جنکي، سي نه اسين پاڻ؛
هاڻ وڃ گمان، صحيح سڃاتو سپرين."

انهيءَ ڪري ئي سسئي کي صلاح تو ڏئي ته:

"وڃين ڇو وڻڪار، هٿ نه ڳولين هوت کي؟

پيو ته روحاني طلب ڪڏهن ٿي بي سود ۽ بي سوب نه ٿي وڃي. عالم صفات جي طلب لاشڪ مثل رڃ جي پٺيان ڊوڙڻ آهي، ڇاڪاڻ جو انهيءَ کي ڪا ٿه محڪم يا بقادار هستي ڪانهي؛ پر جي هن ساريءَ ڪائنات جي ڪثافت مان لطيف لعل ڳوليو لهن، جي هن وس جي گلشن مان گلبوءِ جو مشاهدو ٿا مائين، تنهن جي طلب جي حق ۾ اصل کان فتحيابي لکي پيئي آهي. انهيءَ ڪري شاهه جو شعر امر روحاني گفتن سان جهنجهيو پيو آهي، ۽ مطالع ڪندڙ کي منجهانس نت نئين استرڳي ۽ ترغيب پيئي ملي:

”پچن جي ميهار کي، پڇي سي ميهار.“
(سر سهڻي)

۽

”تو جن جي تات، تن پڻ آهي تنهنجي.“
(سر ڪلياڻ)

تحقيق، دوست پاڻ پيو در ڪڙڪائي ته تاڙي لاهي. ●

(سنڌ ڪاليج مسلمي: ۱۹۲۹ع)

۽ فتحيابين جي داخلا ڪئي اٿس. البت بيخوديءَ جي حالت ۾.

”سر ڪنڀات“ سنڌس من واريءَ جھد جو سلسليوار داستان آهي، جنھن ۾ هر ڪو طالب پنھنجي جيوت جي ’جهاد اڪبر‘ جو پراڻو سٽي سگهي ٿو. سنڌس سامين سان سنگ ۽ انهيءَ مان فيض جو ذڪر ’سر رامڪليءَ‘ ۾ ڪيل آهي؛ ۽ جي ڏونگرن جا ڏولاڻا ۽ جبلن جون جارون سٺيون ۽ سر ڪيون، سي ڪئن شاه صاحب پنھنجيءَ جيوت ۾ ڏٺيون ۽ سٺيون، تنھنجو سماءُ پڻ انهيءَ سر مان ٿو ملي. آخر، پنھنجي طلب جو نتيجو آڻي سهڻيءَ ۽ مارئيءَ ۽ ٻين عشق جي ڪهاڻين ۾ پلٽيو اٿس، ۽ ’سر آسا‘ ۾ انهيءَ کي خالص صورت ۾ پڌرو ڪيو اٿس:

”هڏ هن ڪونهي هيءَ، هوُ پڻ ڪونهي هن ري.“

سر انجام

شاه جي جيوت توڙي تصنيفات مان ڪيترن سارن ڪهڻن خيالن ۽ متن تي نئين روشني پئي ٿي.

اول ته پريم، پيار، ڀڳتيءَ ۽ گيان جا مارگ ڪي نيارا ڪينهن؛ هڪڙو ٻئي جو تتمو * آهي. عشق بنا معرفت پائڻ جي دعوي ڪرڻ عبث آهي. عاشق توڙي عارف ٻنهي جو آخرين مقصد آهي پاڻ وڃائڻ؛ ۽ انهيءَ منزل تي ڀڳتي ۽ گيان، عشق ۽ علم جي وچ ۾ ويڇاندر رهيئي ڪونه ٿو.

* تتمو Complement.

شاهه ۽ نرواڻ

"نرواڻ" ٻڌ ڌرم جو لفظ آهــي. لاکيڻو لال، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڪو ٻوڌي ڪونه هــو. هو صوفي لاکوفي هو. پــوءِ ڇو مان اهو لفظ سندس باري ۾ ڪم آڻيان ٿــو؟ اول ته، انساني آزمودو، نفساني توڙي روحاني، هڪ آهي. اُنهيءَ کي جدا جدا ٻولين ۾ نالا ڏجن ٿا؛ ليڪن حقيقت جــا اُنهيءَ آزمودي جو ڪارڻ آهي سا هڪڙائي آهي. تصوف، انهيءَ ڪري، ڪنهن خاص ملڪ يا وقت جي پيدائش نــاهي. تصوف هماليه پهاڙ کــان به پراڻو ۽ جدا جدا ملڪن جي روحاني جاکوڙن جي اُپٽي آهي. ڇو ن ته تصوف جــي جڙ قرآن شريف ۾ آهي؛ تصوف گويا قرآن شريف جو جوهر آهي. ليڪن ڪلام مجيد جي سکيا "پهاڙن کان به پراڻي آهي." انهيءَ ڪري، تصوف انادي آتمڪ گيان آهـي. ازانسواءِ، ڪوبه انسان، ڪابه قوم جزيري ناهي. هڪ انسان، جو ٻئي تــي اثر ڏئي ٿــو، ۽ هڪ قــوم جــو ٻئي تــي.

نفس سان سخت جهد ڪرڻو پوي ٿو. جڏهن هو محسوس ڪري ٿو ته سڀ وڏن دک ڳاڏڙ آهن، ته انهيءَ دک جو ڪارڻ آهي، ته اهو ڪارڻ ترشنا يا پياس آهي، تڏهن هنکي اَٺ - انگي مارگ جو پتو پوي ٿو. اهو اَٺ - اَنگو مارگ آهي :

پالي

١- سماڌي ٢- سماسنڪپو ٣- سماواچا ٤- سماڪمنتو
٥- سما آجيوو ٦- سما واياموو ٧- سما ستي ٨- سما سماڌي

سنسڪرت

١- سميگ درشٽي ٢- سميڪ سنڪلپ ٣- سميگ واڪ
٤- سميگ ڪرمانته ٥- سميگا جيوه ٦- سميگ ويوساءِ
٧- سميڪ سمتي ٨- سميڪ سماڌي.

سنڌي

١- پوري يا صحيح سمجهہ ٢- پورو يا صحيح ارادو
٣- پورو يا نيڪ ڳالهائڻ ٤- پوري يا نيڪ هلت
٥- پوري يا صحيح آجيو ڪا ٦- پوري يا صحيح ڪوشش
٧- پورو ڌيان ٨- صحيح سماڌي.

هيءَ اخلاق جو پند آهي ۽ انهيءَ کي صوفين جي اصطلاح ۾ طريقت ٿو چئجي.

نرواڻ "فنافي البقا" واري منزل آهي جتي جيوت جا سڀ دوندہ، زندگيءَ جا ڪل ضدہ اَدرش چيتنتا جي اندمت ليہ ۾ اَلوپ ٿيو وڃن، ۽ جيو آتما،

پروفيسر نڪلسن جو تصوف تي هڪ معتبر سند ليکيو ويچي ٿو، سو پنهنجي ڪتاب The Mystics of Islam (اسلام جا صوفي) جي صفحي ١٧ ۾ لکيٿو:

"The Sufi conception of passing away (**Fana**) of individual self in universal Being is certainly, I think of Indian origin. Its First great exponent was the Persian mystic, Ba'ya-zid of Biston, who may have received it from his teacher, Abu Ali of Sind (Scinde)"

"مان ڀانيان ٿو ته فنا وارو صوفي مت، جنهن موجب انفرادي هستي مطلق هستيءَ ۾ سمائجيو وڃي، تنهنجو بنياد هندوستاني آهي. پهرين پهرين انهيءَ جي پڌرائي ايراني صوفي بايزيد بستانيءَ ڪئي، جنهنکي اهو شايد سندس مرشد ابو علي سنڌيءَ وٽان پرو پيو."

اهو مت ٻڌ ڌرم جي ڪشن پارت ورش کان ٻاهر دور ديسن ۾ ڦهلايو. اها تاريخي حقيقت آهي ته ايران ٻڌ ڌرم جي سکيا هيٺ آيو. خود تسبيح ڦيرڻ جو رواج، نڪلسن جي راء موجب، ٻڌ ڌرم مان ورتل آهي.

ٻڌ ڌرم ۾ نرواڻ انسان جي آخرين منزل چئي وڃي ٿي. انهيءَ منزل تي رسڻ لاء هرڪي پنهنجي

۾ قيد آهي. هڪ جسماني ويس، ٻيو سوڪم (ڪامڪ) ويس، ٽيون مانسڪ ويس. انهن ويسن جي ڪري ئي انسان گهرجن، ترشنائن، تمنائن ۽ وسوسن وهيڙو آهي. انفرادي هستي مٽائڻ آهي انهن ويسن کي وڃائڻ. پوءِ انسان جو روح پنهنجي اصلوڪي پاڪيزگيءَ ۽ جمال ۾ نروار ٿيو پوي ۽ سدائين مطلق هستيءَ ۾ وسي.

سُر آسا ۾ شاهه صاحب چوي ٿو ته:

”عين شرڪ ايءُ،
جئن اي شرڪ پاڻئين پاڻ کي؛
وڃائي وجود کي،
پاڻان پاسي ٿيءُ.“

اهو وجود وڃائڻ، اها نانهن ڪلهي ڪرڻ نڪرڻ، صرف انسان جو هستيءَ جو ميٽجي، ڪين ٿيڻ ڪونهي.

شاهه صاحب پاڻ چوي ٿو ته:

”جن وڃايو وجود،
سي فاني ٿيا ’في الله‘ ۾؛
نه تن قيام نه قاعدو،
نڪو ڪن سجود؛
جيلانهن ٿيا نابود،
تيلانهن رسيا بود کي.“

ٻاهرين هستي ڪن پگر جو ڪيل آهي. چل - چٽيءَ وانگر ٻڌا ڪانهيس. انهيءَ کي سچ سمجهي وهڻ

مڙني ٻنڌن کان مڪت ٿي، وشؤ-چيتنتا ۾ وسي ٿي. اهو نرواڻ پد آهي آتما جو شاريرڪ، ڪامڪ ۽ مانسڪ ڪوشن ۽ ٻنڌنن کان هميشه لاءِ آجو ٿي، سروپ سان سم ٿيڻ. انهيءَ ڪري اها نانهن سچي آنهن آهي. ڪمل - نئن ٻڌ ڀڳوان جي شش ارهت ناگسينا کي جڏهن راجا چٽرزني ڪندي چيو ته نروان نسوري نانهن آهي، تڏهن هن ورائيو ته "نروان آنهن آهي": فنا ٿي سچي بقا آهي، جو نروان پرم پرڦلتا آهي.

شاهه جي شعر ۾ جتي ڪٿي نانهن جي پرم مهما بيان ڪيل آهي. سر رامڪليءَ ۾ چوي ٿو ته:

"نڪر نانهن ڪلهي ڪري،
هوندن جئن نه هوءِ؛
توکي ويس وڃايو،
ويس وڃايو توءِ؛
سامي آهي سو،
جنهن پاڻ وڃائي پوءِ ڪيو."

"جي پانئين جوڳي ٿيان ته،
"ڪين" پيالو پيءُ؛
نانهن نهاري همت ڪر،
'آءُ' اِهو نه ٿيءُ؛
ته سندو وحدت ويءُ،
طالب توڙان ماڻئين."

"توکي ويس وڃايو" - انهيءَ "ويس" لفظ ۾ ئي راز سمايل آهي. انسان جي آتما ويس پا ڪوشن

عبث ٿيندءِ. "تو در آيس تي، جنهن تو ناهه نه سکيو."
سر سهڻيءَ، سسئي وارن سرن، سر مومل راڻي، ٽوڙي سر ليلا چنيسر ۾ به ساڳي سڪيا سمايل آهي. انهن سڀني روپڪ کهاڻين ۾ ڏيکاريل آهي ته

"ناهو ديءَ نيئي،
عبد ڪئي اعليٰ ڪيو؛
مورت ۾ مخفي ٿيا،
صورت ۾ پڌر سيئي؛
ڪبي اُت ڪيئي،
ڳالهه ٻيان جي ڳجهه جي؟"

چو ته

"آيا سي هاهوت ۾،
لاهوت لنگهيو جن،
مدهان تن جن،
حرف نه سڃي هيڪڙو."

انهيءَ منزل جو ذڪر ڪنهن به ڪونه ڪيو آهي، انهيءَ جو چتر ڪنهن به ڪونه چٽيو آهي. ٻڌ ديو کان جڏهن انهيءَ ٻاري ۾ پرشن ڪيو ويو تڏهن اُتر ماٺ سان ڏنائين.

"مدهان تن جن،
حرف نه سڃي هيڪڙو."

("سندو": آڪٽوبر ١٩٤٣ع)

ساميءَ جي اصطلاح ۾ 'اڻ هوندي پوليءَ' ۾ پوڻ آهي. سچي هستي مطلق هستي آهي، جنهن سان پاڻ کي هڪ محسوس ڪرڻ سان ئي انسانَ جي زندگيءَ جو مقصود سري ٿو.

سر سورٺ ۾ شاهه صاحب فرمائي ٿو:

"ٻلڪ آهي ٻول، ناڪسي ناٻود ۾."

راءِ ڏياچ ٻيجل کي ڌرا دان آڇي ٿو، چي:

"تازي ڏيوس تڪڙو، جوهر پائي زين؛"

پر ٻيجل "مرڙا جهلي نہ مال جا، تو ماڻڪ موٽائي،" ۽ چئي:

"تو در آيس تـــي، جئن تو ناه نہ سکيو."

چي مان توکي نانهن يا نرواڻ جو سبق سيکارڻ آيو آهيان، سر ڏيڻ بہ ڏهلو ناهي. ڪيترائي سرويچ سورما ڪنهن مـن - اُڇل ڪري، ڪنهن دنيوي يـا ٻئي آدرش لاءِ پنهنجو ڪنڌ ڪٽائين ٿا.

"جو تو ڏيـڻ ڏيـاچ

لاهيو ايءَ سر سيڪو ڏئي؛

ڪو نانهن جهڙو نـي،

جو سند ٿئـي سو اٿين."

صرف سر ڏيڻ سان انفرادي هستي نٿي ميٽجي سر تہ ڏين ٿو، پر پاڻ سان نين چا ٿو؟ "کي نانءِ جهڙوني"؛ "نڪر نانهن کلهي ڪري." جي سر ڏيڻ سان نانءِ يـا نرواڻ پد نـي نہ رسڻين تہ سر ڏيڻ

شاهه: وره ويدنا جو شاعر

شاهه وره ويدنا جو شاعر آهي.

"ويهل ٿي وايون ڪري، ڪنل ڪُوڪاري."

پندرهين صديءَ کان سترهين ارڙهين صديءَ تائين ڀارت ۾ ڀڳتي پنٿ جا سنت ڪوي پرگهٽ ٿيا، جن جي ڪوِتا اڪثر وره ويدنا جي ڪوِتا آهي. شاهه تي انهن سنت ڪوين جو گهرو اثر ٿيو آهي. روحاني لحاظ کان، هو انهن جي ڪل جو آهي. ڪبير ۽ ميران جي ڪوتائن جا پڙاڏا سندس ڪوِتا ۾ ملن ٿا.

شاهه جي وارتائن ۾ وڇوڙي ۽ ويوڳ جون وايون آهن. سسئي پنهونءَ جي فراق ۾ روهه رلي ٿي، اهي رقت پذير آهن ۽ دانهون ڪري ٿي، جي هيانءَ ڏاريو ڇڏين. ليلا چاڳلي ليلا، جنهن ڪي مڻيءَ جي موهني پنهنجي پريم پت تان ڪيرائي ٿي، سا به ويوڳ جي ويرالي ۾ آزيون نيزاريون ڪري ٿي ته

"ڀولا! ڀيل م مون، ڪانڌ! ڪميڻي آهيان؛
سڪي لنهنجيءَ، سهڻين! پيري وڌيس پؤن؛
مون ورتون ٿي لون، تون ور! وهون ڪيتريون."

ٿيو پوي. اھا ڪوملتا اھڙي اُوناسي آھي، جو جيئو آتما کي پنھنجي رکشا لاءِ ڪي نه ڪي اپاءَ يا بند ڪرڻا ڪرڻا نٿا پون. اھا ڪوملتا ٿي ھن کي سرؤ سان سمرتيءَ ۾ وڏاندري واھر ڪري ٿي.

انھيءَ ڪري ئي پڙاڻي گھوٽ چوي ٿو تہ

"جيڪي فراق ان، سو وصالان نہ ٿئي"

۽

"وصالان فراق جي، سڀ ڳالهہ ڳري."

انھيءَ ڪري، شاھ جي شعر جي سروؤر لئي اھو اڇي جو ويڙل ھجي، جو گھايل ھجي، جو ورھہ ويڌنا ۾ ورتل ھجي:

"ويڙيو ھٿين تا وڙھہ نہ تہ وڻيو وانءُ وات تون."

("تصوير" ١٩٥٦)

هوءَ مومل، جنهنجي اکين ۾ مجاز جا الماس،
جنهنجي ڳلهن ۾ اڪ ٽڙي پئي، سا ڏسو، ڪيئن نه
ٿي پڪاري:

"شمع ٻاريندي شب، پره پاڪون ڪيون،
موت، مران ٿي، ميندرا! راڻا! ڪارڻ رب،
تنهنجيءَ تات طلب، ڪانگ اڏايم ڪاڪ جا."

"ڪاڪ ڪڙهي، وڻ ويا، پريا رنگ رتول؛
تو پڃاڙا، سپرين! هنئڙي اڀن هول."

پکين جو ذکر ٿو ڇوري ته ۽ وره ويدنا جو ڦرڻ
ان ۾ لڳو ٿي پيو آهي:

"م لنؤ، ڪونجڙي! ماٺ ڪر، چورم هنئين چاڪ،
ڦٽيون جي فراق، سي گهر گهاريندين ڪيترو؟"

هن سمت ڪوين وٽ وره ويدنا جو وڏو قدر
آهي. هو ان کي وڏي اهميت ڏين ٿا. روحاني راهه
تي انسان تيسين وصال جي لائق نٿو ٿئي جيسين
هن کي وڇوڙي جو گهرو احساس نٿو ٿئي. جزو ڪل
سان ملي هڪ ٿئي، تنهن لاءِ ضروري آهي ته هو
پنهنجا مڙيئي لڇاءَ پڇي پورا ڪري ڇڏي،
هو آتما ۾ ننگو ٿي ننگو ٿي پنهنجي اشٽ ديو،
پنهنجي پيار پرهم جي اڳيان بيهي. انهيءَ اسٿتيءَ
لاءِ هو تيار ٿئي تنهن لاءِ هن کي وره جي جگر سوز
واديءَ مان لنگهڻو ٿو پوي. وره جا ورلاپ ڪندي،
پريتم لاءِ واجهائيندي، هن جي هردي جو پٽر ڪومل

سنڌ جي جدا جدا سنسڪرتين يا تهذيبن جي ميلاپ جو مثر، پاڻان ڌار ڪندڙ گيت آهي.

سنڌ ۾ انيڪ جاتيون آهيون، هر ڪنهن پنهنجي پنهنجي تهذيب آندي. سنڌ جي سرسبز زمين تي انهن جو ميلاپ ٿيو. اها نئين ميلاپي تهذيب، اهو نئون اعليٰ اتصال (higher synthesis) — اِها آهي سنڌ جي وڏي ۾ وڏي پرڦلتا. انهيءَ تي ئي سنڌ کي ناز آهي. انهيءَ جي ذريعي ئي سنڌ هندستان ته ڇا بلڪ اناري عالم جي رهبري ڪري سگهي ٿي.

سنڌ جي انهيءَ عظيم الشان سنسڪرتيءَ جو پرم سندر شاعرانو گل آهي سچل سرمست، جنهنجي هيڪار سنڌ جو واهڻ واهڻ واسي، انهن مڙني کي هڪ پاڪ روحاني شناس ۾ هڪ سوکيم آتمڪ ڄاڻ ۾ ٻڌي، وحدت وجوديءَ جو عاليشان مشاهدو بخشيو آهي. انهيءَ ڪري ئي سنڌ ۾ هڪ ئي ڪفر ليکيو وڃي ٿو، ۽ اهو آهي جدائيءَ جو خيال، جدائيءَ جو ڀاءُ.

(٢)

سچل جو اهو مرڪزي خيال انسان کي هڪ نئين حيثيت ٿو بخشي. هو پاڻ کي عبد يا ٻانهي سمجهڻ جي غلطيءَ کان مڪت ٿيو وڃي:

"ٻانهو پاڻ ۾ م پاڻ، تون آهين مالڪ ملڪ جو؛
لا خير في عبدي، اهو آئيني اهڃاڻ؛

سنڌي شاعرن جو سرمور سچل

(١)

ڪلاڪار - ڪوي، چترڪار يا سنگيتڪار - پنهنجي ڪارج جي ڪماليت واري چوٽيءَ تي تڏهن ٿو رسي، جڏهن هو پنهنجي قوم جي آتما جو واهڻ ٿو ٿئي، جڏهن سندس ڪلا جـي دوارا سندس جاتيءَ جي جنس (genius) اُشا جي سندرتا ۽ تازگيءَ ۾ نروار ٿيو بيهن. اهڙو ڪلاڪار پنهنجي قـوم جـو، پنهنجي جاتيءَ جو سڄيوُ روپ ٿيو پـوي. هنجي رچنا ۾ اُنهيءَ جاتـيءَ جـا اعليٰ ۾ اعليٰ آدرش ۽ اُديش، سڦلتائون ۽ سرجوشيون نمودار ٿين ٿيون.

سنڌ جي آتما جـو سڄيوُ سروپ سچل سرمست آهي. سچل سنڌ جي مجذوبي ندوار آهي: سنڌ جي روح جي سرود آهه انهيءَ مجذوبي ندوار ۾، انهيءَ سرود آهه ۾ سنڌ جي آتما سمايل آهي؛ انهيءَ ۾ سنڌ جي روح جي طلب جو اتهاس آهي؛ انهيءَ ۾

ٻڌي "نيم" تي سڏي؛ ۽ جنهنکي مسلم "اسلام" تي سڏي. سچل انهيءَ آڏي مذهب کي "مشرب" تي سڏي؛ ۽ انهيءَ ۾ تي وسي. چي

"مذهب موڙ نه ميان، آءُ مشرب مڃهه مدام."

سچل پهريون آزاد خيال سنڌي هو جنهن ملن تي کليو کلايو خنده زني ڪري، انهن جي زور گهٽائڻ جي ڪوشش ڪئي. هو پهريون آزاد خيال سنڌي هو جنهن بلند آواز اٿيو

"جان جان مسجد، مندر منارې،
نهين سي ويران ٿيون،
تان تان راهه قلندر والا،
حاصل ڪڏهان نه ٿيون."

(٣)

سچل جي شعر ۾ طلب جي تدوار ۽ حيرت جي پڪار آهي. هو حق جا طالب آهي ۽ حق جا مظهر پسيو "حيرت ۾ حيران" ٿيو وڃي. اها حسن ڀري حيرت سندس شعر ۾ هڪ انوپ ڪشش پيدا ڪري ٿي. اهڙا شاعراڻي وصف اهڙي نه سوکيم آهي جو ان جو ڪو خاص مثال ڏيڻ البت ڏکيو آهي.

"هٿاى دي وچ ڳالهيان، يار ڪريندا ڪيهان؟
ڪيهان سي تعجب جيهان."

... ...

الله، الله چـو چوين؟ پاڻ ئـي الله جاڻ؛
سچو سائين هيڪڙو، ناهـي شڪ گمان."
انسان جي هيءَ نئين حيثيت، اهو اعليٰ مرتبو، پاڻمراد و هن کي آزاد خيال ڪريو ڇڏي. هو حق جي طلب ۾ گمراهه. تيڻ جـو حق ٻ طلبي ٿو، جو هو جاڻي ٿو ته

" اول گمراهيءَ آهـي زمانـي راهـ ۾؛
تهانپو همراهـي، آهـي هـدايت جـي."
سچل جهڙو آزاد خيال شاعر سنڌ ۾ ٻيو ڪونهي. چي: "سچو راهه ڪفر دي ساڏون مرشد آپ بتايا" ۽ "دين ڪفر، اسلام مـذهب اول ڇـڏڻ درڪار."
هو محسوس ڪري ٿـو ته ظاهري مذهب پابنديون جو ٻوساٽيندڙ قفس آهـي جنهن ۾ زنده دل، آزاديءَ جو ڪوڏيو پکي پل ٻ گهاري نه سگهندو. پريم انسان جي سرت اهـڙي ته وشال ڪريو ڇڏي جو مذهب جي پابندي کيس معاف ٿيو وڃي:

" ڏسو عشق جو حساب،
سڀيئي مذهب ڪيائين معاف؛
جوئي مذهب عشق جو، سوئي آهي صاف؛
سچو انهيءَ ڳالهه ۾ خس نه آهي خلاف."
پر هڪ اهو ٻ مذهب آهي جنهنجا هي دنيا جا مڙيئي مذهب پاڇولا آهن. اهو دائمي، اٽل مذهب ئي آهي جنهنکي هندو "ڌرم" ٿـو سڏي؛ جنهنکي

جي نيائي، نت نئون ۽ نرمل، پيو پلٽجي. انهيءَ قسم جو شعر ڪڏهن به پراڻي ٿيڻ جو ناهي. جيوت جي جذبي سان اُنجي اهڙا هيڪاند آهي جو اهو خود جيوت جهڙان امر آهي. اهڙي شعر ۾ سچاويڪ رس ۽ سرلتا ڀڳي ٿين ٿا جي انهيءَ لاءِ هر ڪنهن جي هردي ۾ جاءِ جوڙي، اُن کي هردلعزيز بنايو ڇڏين.

(٥)

سچل حق جو مشاهدو ماڻي، پاڻ کي جيوت جي دؤندن (ضدن) کان آجو ڪيو آهي. چي

"منجهون نيڪيءَ ۽ گناهه، پوندي ڪل نه سندي الله؛ ري پرو ڙڻ پانهنجي، ٻي راست نه آهي راهه."

"پاڻ پروڙڻ،" پنهنجي ذاتي روپ صحيح سڃاڻڻ سان انسان مڪت ٿئي ٿو. پوءِ ئي هنڪي اهو اٽل علم ٿئي ٿو ته

"محب منو آهي من ۾، معشوق منو آهي من ۾؛ بيفائدو بازار گهمين ڇو، اٿئي بلبل باغ بدن ۾."

جنهنڪي اهڙي بنيادي شناس حاصل ٿئي ٿي، سو جيوت جي ضدن کي وڪاس (evolution) جا ذريعا يا وسيلا سمجهي ٿو، ۽ انهيءَ ڪري 'ٻرو' يا 'ڀلو' لفظ هن لاءِ ٻي معنيٰ ٿيو پوي. هو ڄاڻي ٿو ته الاهي اُمنگ وهيڻي جيون سدائين وڪاس وهيڻي آهي:

"نيڪي بدي ٻن برابر، جو گهڙيا وڃي جيئي."

"ڪڙيان اسرار عان ظاهر، هيءَ حيرت ۾ حيراني؛
نڪا ڪا جوڙ جسماني، رهي ڪٿ شڪل انساني"

... ...

"حسن تنهنجو تو اڇي، طرحون طرح ڏيکار ۾؛
هڪ هٿين، آئين ڪنهن شوق مون نه شمار ۾."

... ...

"شاهه ٿيو سيلاني، نه جاڻان ڪهڙيءَ ڳالهه ڪون؛
ٿي گداگر، ڪري گدائي، شرف ڇڏي سلطاني.
صورت انهيءَ ڪير سڃاڻي؟
هيءَ هيءَ سب حيراني،
پول نه پئي ڪنهن اوهين پلجو،
عين اٿو انساني.
اهو اندر، اهو باهر، ڪير ٿيندو قرباني؟
سچل سر سري ڪو جاڻين،
جان جٿو سب جاني."

(۴)

سچل جي مک مان شعر ائين ٿو نڪري، جڻ ڳل مان سڳند— ڪنهن به ڪوشش ۽ بنوڙ کانسواء. مان نه ائين ٿو وسهان هنجي چيتنتا، هنجي من جي سرت واري آوستا، جڏهن پاسيرو ٿيو بيهي، تڏهن هنجو شعر بيڌودي‌ءَ جي حالت ۾ پلتجيو پالوت ڪري. اهو ئي سبب آهي جو هنجو شعر جيوت جي ڳهرائين جي بنه عمق مان اچل سان، بهاڙي جهرڻي

● سامي : ڪوي ۽ سنڌس ويدانتي واڻي

ڪيترن سنڌين جي من ۾ اهو اثر ويٺل آهي ته ساميءَ جي شاعريت ڪنهن وڏي پئماني جي ڪانهي. ڪي ته سنڌس شاعر هئڻ ۾ به شڪ آڻين ٿا. اها ڪا عجيب ڳالهه ڪانهي. منهنجي حياتيءَ ۾ به ڪو وقت هو جڏهن مان ساميءَ کي شاعر سڏڻ کان ڪيٻائيندو هوس. ڪاڪي ڀيرومل مهرچند سچو سال بي-اي ۾ سلوڪن جو ٻهريون ڀاڱو پاڙهيو، پر انهيءَ اڀياس ۾ منهنجي دل جي رخ ۾ ڪو ڦيرو ڪونه آندو. ڀلا زور هوندو هو لفظن ۽ تڪن جي معنيٰ تي. شعر جي شعاع ڪڏهن به ڪلاس ۾ جهلڪو ڏيئي، دل جي امنگن کي ڪين جهپيو. شڪ ناهي ته ڪاڪي پاڻ انهن سلوڪن کي شعر نٿي سمجهيو، جو مان اڃا اهو چوڻ لاءِ تيار نه آهيان ته سنڌس دل ۾ شاعرانه لنڊ نٿي ڇري.

ڪي ورهيه لنگهي ويا. رفته رفته منهنجي خيالن ۾ ڦيرو اچڻ لڳو. آزمودو اسانجي جيون جا معيار

دماغ سٽ يا سٽ جي مظهرن کي ڇيندي، ٽڪر ٽڪر ڪري ٿو، انهيءَ لاءِ ته هو اُن کي سمجهي. اهو رستو ڪنهن منزل تائين ضروري آهي. پر انهيءَ سان سٽ جو ڪلي مشاهدو حاصل ٿيڻ محال آهي. ان ڪري، صوفي عشق کي وڏي اهميت ڏني ٿو، جو دل ڳنڍي ٿي ۽ دماغ ڇيندي جدا ڪري ٿو. دماغ حق جي ڪثرت سمجهڻ جي ڪوشش ڪري ٿو ۽ انهيءَ ڪوشش ۾ حق کي ڇيهون ڇيهون ڪريو ڇڏي. دل انهن سڀني جدا جدا ٽڪرن کي اَزحد ڪوملتا سان ڳنڍي، ڪثرت کي وحدت جو روپ ٿي ڏئي. پوءِ جدائيءَ وارو ڪفر رهي ئي ڪونه ٿو، ۽ شاعر وجد ۾ اچي اٿي ٿو ته

”مون ساري سڃاتي، بازي بازيگر جي؛
غير نه آڏيج وچ ۾، آهين ظاهر تون ذاتي؛
مٿان پائين پاڻ کي تون، سچوُ! صفاتي.“

۴

”جي اوهين جاڳو، ڙي جيڏيون! آهي الله لوڪ سارو
جاڏي ڏسو تاڏي آهي سندو نينهن نظارو.“ ●

(”سندو“ : ۱۹۴۲ع)

ساميءَ وشو درشن ماڻيو آهي. انهيءَ ڪري هن
هن "اڻ هوندي پولي"، هن "اڻ هوندي درياهه"،
جي روپن ۽ رنگن جي نا نت جو سار ڳولي لڌو آهي.
ڪوتا جا روپڪ ۽ النڪار نہ صرف انهيءَ اڻل سمت
کي پڌري ڪرڻ لاءِ جدا جدا ويس ۾ ورن آهن.

ساميءَ لاءِ عام شڪايت آهي تہ منجهس روپڪ
۽ النڪار جو سينگار ڪونهي. اها شڪايت سچ
پچ انهن جي آهي جي هندوستان جي ذاتي شعر ۽
سڀيتا کان غير واقف آهن؛ جن کي صرف مغربي شعر
جي ئي ڄاڻ آهي. ساميءَ جي شعر ۾ روپڪ النڪار
جهجهو ئي آهي؛ پر اُن مان لطف انهن کي ايندو
جي ڀارت جي آريہ سڀيتا جي ڪير تي نپنا هوندا.

هيٺين سلوڪ ۾ ڏسو تہ تشبيهہ ڪهڙي نہ نزاڪت
سان ڪم آندي اٿس:

"جئن گلابي گل، ڏئي خوشبوءِ خوشيءَ جي،
تئن اُو ٿوت انيڪَ-ي ڪن اُپـديش اصل."

سنسار کي "اڻ هوندي پولي" جو روپڪ ڏيئي،
ڪهڙي نہ شاعرانـي صنعت سان هيٺيون سلوڪ
سينگاريو اٿس!

"اڻ هــوندي پولي، وٿو جـيءَ پــرم ۾؛
جئن ڪستوري نـاڀ ۾ مرگهہ ٻــاهر ڦولي؛
اوديا پٽ کولي، سامي ڏسي ڪيڏڪي."

پيو ڦيرائي ۽ ساهتڪ سنسار جا آزمودا انسانن ويچارن ۽ رايـن ۾ ڦير گهير پيا آڻين. اڄ جنهن کي سج ٿو سمجهجي، تنهن کي سڀاڻ شايد ڪچ سمجهجي، اڄ جنهن کي شعر ٿا سمجهون، تنهن کي سڀاڻي شايد ڪنهن سگهڙ جي تڪبندي سمجهون. آزمودو جئن انسان جي جيوت کي مالا مال ڪندو وڃي، تئن انسانجي معيارن ۾ به تبديل آڻيندو وڃي. جنهن جي نظر جو دائرو ننڍو هوندو، تنهنجي دنيا به ننڍي ۽ سوڙهي ئي هوندي. پر جئن اهو دائرو وڃي موڪرو ٿيندو، تئن انسانجي دنيا به وڃي وسيع ٿيندي. قصو ڪوتاهه، مون نيٺ محسوس ڪيو ته سامي پنهنجي نموني ۾ هڪ يگانو شاعر آهي ۽ اعليٰ شاعرن جي قطار ۾ شمار ٿيڻ جي هر وجه لائق آهي.

(۲) سامي شاعر

شاعر ڪماليت جي چوٽيءَ تي تڏهن ٿو رسي، جڏهن ڪيس وشو درشن يا ڪل ڪائنات جو مشاهدو نصيب ٿــو ٿئي. اهڙي درشن پائڻ سان هـو ست پروڙي ٿو، ۽ هن جي جيوت ۾ سڀ وڙون ۽ ويچار، سڀ امنگ ۽ ڀاونائون پنهنجي پنهنجي جاءِ وٺيو اچن ۽ پنهنجو پنهنجو سمبنڌ پڌرو ڪن. پوءِ سنسار جا سدا ـ ڦرندڙ درشيه دل ـ لڀائيندڙ ليلا ڀاسن ٿا؛ ليڪن اها ليلا، سدا ڦرندڙ هئڻ ڪارڻ مٿيا روپ محسوس ٿئي ٿي.

سامي چوي ٿو ته

”ويدن جي واڻي، سنڌيءَ ۾ سٽايان“

شاعر جڏهن آريه جاتيءَ جو مها اُتاهينءَ وارو آتم - گيان قلمبند ڪندو، تڏهن انهيءَ اروپ ويچار لاءِ ڪو ڇبو ٻاٻ ۽ روپ ڪم آڻي سگهندو.

(٣) ساميءَ جي فيلسوفي

انسان سان بنيادي ويدن آهي ڀؤ، ڀؤ، ڏر. هن کي پنهنجي سلامتيءَ جو ڀؤ آهي. ڏسي ٿو ته سارو جڳتر ڪڻ ڀنگر جو کيل آهي، پاڻ پڻ هن اڻ - هوندي درياه ۾ هڪ ٻدٻدي يا ڦوٽي مثل آهي. ڪلپنا ۾ پنهنجي نابود ٿيڻ، پنهنجي هستي ميسارجي وڃڻ جو چتر ڏسي، ڀؤ ۽ هراس ۾ ڏڪي ٿئي ٿو. سامي چوي ٿو ته اهو ڏر جيءَ يا من جي رچنا آهي. ڪيس پنهنجي هستي نه آهيئي ڪانه. ڇي

”ٻيا ڏر ڏري ٿــو جڳت مڙيوئي جيءَ ۾.“

مايا جو سٽ ڀاسڻ، توڙي پنهنجي هستيءَ جي نابود ٿي وڃڻ جو ڀؤ اوديا ڪري آهي. انسان جڏهن سارو جڳت، سارو برهمانڊ، هيءَ ڪل ڪائنات، جيءَ ۾ ڀسندو، تڏهن من جا سڀ ڦرنا، سڀ ڀؤ ۽ ڀاو ڪافور ٿي ويندس. پوءِ هو جڳت جي سدا ڦرندڙ نانت ۾ سدا - استر سٽ ڳولهي لهندو، ۽ سنسار جو اڻ - هوندو اسرار ڪيس انت جي ليلا ڀاسندو. انهيءَ

چاتڪ جي پياس، ڪڏهن جو آڪاس ۾ اُڏامڻ، سپ جنهن لاءِ شاهه لطيف ٿو چئي ته ”ٻارو ٻئي نه ٻوڙي“؛ مڇي جا 'ٻاڻي ٻراڻ آڌار' ڪانسواءِ جي نٿي سگهي؛ سنسار مثل وهندڙ درياهه: اهڙين انيڪ تشبيهن ۽ استعارن سان سنڌس شعر جهنجهيو پيو آهي:

”جي توکي پياس پسڻ جي،
ته سپ چاتڪ جان سک،
ٻائي هوند انهيءَ جي، ڪر لڙڪن ڪُن لڪ.“

... ...

”گر گم اڏامي، ڪڏي سهج آڪاس ۾؛
سٽ نه لوڪ لنگهي ڪري، سن ۾ سماڻي“

... ...

”ڳگن ڏڏو ڏڏي، ڪرڳا سان، ڪلپ ري“

... ...

”تکو آر نه پار، سپيرڙان جي سک جو؛
سمانتيءَ ٻنا سپ ڪي، اچي ڪين قرار؛
مڇيءَ جي من ۾ وسي ٻاڻي ٻراڻ آڌار؛
سامي سرجڻهار، هڪ ٻنل ٻراهون نه ٿئي.“

ٻر جتي شاعر جو ويچار اروپ ٻد تي رسي ٿو، اُتي سنڌس واڻي به اروپ ۽ اننگ ٿيو ٻوي. اُتي هر هڪ سلوڪ سوتر سمان ٿيو ٻوي، جنهن ۾ سنڌس انيڀو جو سمورو سار ٿورن لفظن ۾ سمائجيو وڃي.

"سارو جڳ جڪي، تو اوديا جي اهنڪار ۾؛
جاڳيو جوڳي جيءَ ۾، ڪلپت ڪاڻ رکي؛
اندر ٻاهر آتما، سامي سمر لکي؛
ٻيهد ٻوند چکي، انڀي ڀر آڪاس ۾."

(٥) ساميءَ جو مارگ

ساميءَ جو مارگ يوگ جو مارگ آهي. يوگ جي رستي جدا جدا چڪرن کي سجاڳ ڪري، جڏهين ڄڳياسو ستين چڪر يا "دسوين دوار" کي کولي ٿو، تڏهن کيس "مڌر مڌر رلي"، "انهد شبد جي جهڻڪار"، ٻڌڻ ۾ اچي ٿي. هو پنهنجي سرت ڀلجيو وڃي. هو سماڌيءَ جي مها آنانهين منزل تي پهچي ٿو. جنهن کي ئي صوفياني اصطلاح ۾ وُجد يا حال ٿو سڏجي. اهڙي پرم پد تي پهچڻ سان سالڪ کي وشو درشن جو جياريندڙ آزمودو پراپت ٿئي ٿو. پوءِ اوديا ڳنڍ کليو پوي. اوديا جي اونده، گيان جي پرڪاش ۾ الوپ ٿيو وڃي؛ ۽ هو جيوت جي ڊوڙن کان آجو ٿي،

"جاڳي جڳت سارو، چمتڪار چيتن جو."

اها منزل نه صرف گيان جي آهي ۽ نه صرف ڀڳتيءَ جي. انهيءَ منزل تي گيان ۽ ڀڳتي، عرفان ۽ عشق، هڪ اعليٰ اتصال يا ميلاپ جي صورت وٺن ٿا. انهيءَ ڪري ئي سامي چوي ٿو:

ليلا ۾ هو پاڻ کي بہ هڪ ضروري وستاري سمجهي، خوب رمت رمندو. اننت جي. منجهس پوءِ جدائيءَ جي جڙ رهندي ئي ڪانہ، ۽ نڪو وري ڪيس کو ليپ ئي لڳندو:

"گڏيا رهن سڀ سان، پين ڪڏهون ڪين؛
سداءِ پرسن، رهن اليپ ڪنول جيان."

سڀني جيون ۽ جنتن سان پاڻپي محسوس ڪرڻ ۽ انهن کي پنهنجي جيءَ جو جزو ڪري ڄاڻڻ ۽ انهن سان ائين ورتڻ جئن جيڪر پاڻ سان ورتجي- اهو سڀ انهيءَ سمت جي پراپتيءَ جو نتيجو آهي. پوءِ هو پاڻ کي انهيءَ سڄيءَ سمت ۾ سلامت، سدا اجر ۽ امر ٿو معلوم ڪري؛ پوءِ هن جو جيون نردوش ٿيو پوي، ڪنول جيان نرليپ.

(۴) ستگر ڪير؟

ساميءَ جي سلوڪن ۾ ٿي ٿي نہ ستگر جي مهما ۽ انسان لاءِ هن جي ضرورت جو ذڪر ٿو اچي پر ائين سمجهڻ تہ سامي ڪنهن بہ پرک کي پنهنجو رهبر اختيار ڪرڻ جي صلاح ٿو ڏئي سراسر غلط آهي. گيان، سچو گيان، انڀوءَ جو اهاءُ آهي، پنهنجي انڀوءَ جو بيو ڪوبہ پنهنجي انڀوءَ جو اهاءُ ڏيئي نٿو سگهي. اهو اسان جي اندر ۾ ازخود جاڳي ٿو. جڏهن اسين انهيءَ لاءِ تيار ٿيون ٿا، سامي پاڻ فرمائي ٿو تہ،

جيئن وِشو- وشال ڪري ڇڏيندي.

سامي سنڌيءَ ۾ آتم گيان جو اٿاهه ساگر آهي. هو اسان سنڌين کي، سڏ ڪري چوي ٿو ته

”آءُ ته پيارئانءِ، ڀري پيالو پريم جو؛
سامي هن اوسر ۾، تن من سڀ ٺاريانءِ؛
ڏهه ڏس ڏيکاريانءِ، انهيءَ ڀرڪ اکين سان.“

اهڙي نينڊ، اهڙيءَ نينهن ڀريءَ نينڊ کان ڪير اِنڪار ڪري ٿو سگهي؟ اچو ته سامي‌ءَ جي ”سلوڪ سنگت“ ۾ شامل ٿي، ڪو ڀريم پٽ پيئون، جو

”پيالي مان پرينءَ جي، رليا ٿي رحمت؛
پيتي جن پريت سان، سي ٿيا متارا مت؛
سي ڪٽين ڪين اکٽ، رهندا رهن حال ۾“ ●

(”سنڌو“ : اپريل-جون ۱۹۴۳ع)

”عشق ۽ عقل آهن ٻئي پر پکيءَ جا؛
انهيءَ جي آڪاس ۾، گر گم ڀڄائين؛
درسن سار سروپ جو؛ لڌو سان لڪائين؛
ممت مٽائين، سامي سڀ اندر جي.“

... ...

”عشق ۽ عقل ٻئي ساڌن سم جا؛
ساڌي لهه، سامي چئي، آتم پد امل؛
ناحق روه ۾ رل، موڙڪ، من جي ڀاوُ ٽون.“

انسان انهيءَ ڪري دکي ٿيو آهي، سندس جيون اپورڻ انهيءَ ڪري ٿو ڀاسي، جو هن عقل کي عشق کان، جاڻ کي ڀڳتيءَ کان جدا ڪيو آهي. هن عقل کي اهڙي اهميت ڏني آهي، جو انهيءَ جي طلب ۾ هن پنهنجي جيءَ جي ٻئي اهم ڀاڱي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري ئي هو پنگلو آهي؛ انهيءَ ڪري ئي هن جي جيوت ڀاڱا ڀاڱا ٿي پيئي آهي؛ انهيءَ ڪري ئي سندس جيون ۾ پورڻتا ڏسڻ ۾ ڪانه ٿي اچي. جڏهن هو وري عشق ۽ عقل جو، جاڻ ۽ جذبي جو، گيان ۽ ڀڳتيءَ جو، پنهنجي جيءَ ۾ ميل ميلاپ آڻيندو، تڏهن ئي هو جيون ۾ پورڻتا جو ڀاوُ محسوس ڪندو، تڏهن ئي هو ساري برهمانڊ سان پنهنجي گهري مائٽي محسوس ڪندو، ۽ هر هڪ آزمودي مان آنند جي لهر اُٿي ڪيس ڪائنات جي ذري ذري سان ڳنڍيندي، سندس

ٽئگور جو فيلسوفاڻو درشن

اوچ ڪوٽيءَ جو ڪوئي پنهنجيءَ ڪوتا جي دواران پنهنجو جيون - درشن پيش ڪري ٿو. هن جي اک، هڪ عجيب مستيءَ ۾، سوريه منڊل جو سفر ڪري ٿي — فرش کان عرش تائين، هو وشو جو راز ڀروڙي، ڪلپنا جي ذريعي ان کي رنگ ۽ روپ ڏئي ٿو، ڪوي، انهيءَ ڪري، ڪائنات جي حقيقت جو ٻين ڪلاڪارن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ مڪمل درشن پسائي ٿو. هن جي شعر جي صورتن ۽ مورتن، رنگن ۽ روپن مان ابدي ۽ انادي ليلا ڀاسي ٿي ۽ پڙهندڙ جي اندر ۾ گهڙي، ان کي آنند سان ڀريو ڇڏي.

ٽئگور انهن اعليٰ شاعرن مان آهي جن وشو جو مشاهدو ماڻيو آهي، جن ستيه کي سهڻين رنگن ۾ رمت رهندو ۽ رقص ڪندو ڏٺو آهي. هن ڀارت جي پراچين چشمن مان ويدانت جو امرت پيتو آهي. "ساڌنا" ۾ هو صاحب چوي ٿو: "اپنشد جا شلوڪ

کو سائدار اَجهو ۽ دلگهريو ساٿي نہ لڌو اٿم، تيستين ڪڏهن بہ سنياسي ڪونہ ٿيندس."

برهم کي وشؤ کان جدا ۽ ٻاهر سمجهڻ سان ئي انسان ڀرم ۾ ڀٽڪي ٿو، ۽ جڏهن هو وشؤ جي هرهڪ پدارٿ کي برهم جو سگڻ روپ ۽ ڪل کي "واحد لا شريڪ" پسي ٿو، تڏهن ئي سندس اَنفرادي هستيءَ جي قيد جون ڪاريون ديوارون ڪري پٽ پون ٿيون. ڇي "جيستين انسان سنسار سان پنهنجي مائٽي محسوس نٿو ڪري، تيستين هو بندي خاني ۾ ٿو گهاري، جنهن جون ديوارون سندس لاءِ ستداريون آهن. پر جڏهن هو سڀني وستن ۾ ستيہ جو درشن ڪري ٿو، تڏهن هو مڪت ٿيو وڃي. ڇاڪاڻ جو هو هاڻ سنسار جنهن ۾ سندس جنم ٿيو آهي تنهن جو سراسر سار ڳوليو لهي. پوءِ هو پاڻ کي پورن ستيہ ۾ وشؤ جي مرڪزي وِٿن سان همساز ٿو پسي."

انهيءَ ڪارڻ ئي، قدرت جا نانا پرڪارن جا درشيہ ڪويءَ جي اکين ۾ چمڪ، هنجي پاؤڪ هردي ۾ پڳتي ۽ پريم، ۽ هنجي شيرين گلفام لبن تي اَنوپ ڪوتا پيدا ڪن ٿا.

"اج اونهارو، پنهنجين آهن ۽ ڀڻ ڀڻ سان، منهنجيءَ دريءَ تي پڌاريو آهي، ۽ ماکيءَ جي مکين منهنجي دربار ۾ راڳ ۽ رقص جو عجيب شغل مچايو آهي."

۽ ٻڌ جي سکيا منھنجي لاءِ آتمڪ ٽوڪ تي رھيا آھن، ...... ۽ ھون پنھنجيءَ جيوت توڙي سکيا ۾ ائين ئي ڏيکاريو آھي ته اھي ھر ھڪ جيوَ لاءِ پر - معنيٰ آھن ۽ ھن جي جيون ۾ روپ وٺڻ لاءِ آتا آھن."

پر ٽئگور انھن ٻرھم گيانين ۽ عارفن مان ناھي جي سنسار کي مايا روپ ٿا سمجھن. ھيءُ جڳت - اُن جي ھر ھڪ سنٻنڌ - ھن لاءِ ٻرھم جو روپ آھي، جنھنڪري ستيہ آھي. ڪمل - نئن ٻڌ جيان، ھو ائين وسھي ٿو ته دنيا کي ٻاطل سمجھي، ترشنائن کي ٻاڙون پٽڻ سان، سنسار کي مٿيا ڄاڻي، ٻئي ڪنھن لوڪ لاءِ واساما ڳائڻ سان، انسان مڪت نٿو ٿئي.

"نه، مان پنھنجن حواسن جون دروازون ڪڏھن به ٻند ڪونه ڪندس. ڏسڻ، ٻڌڻ ۽ ڇھڻ جي لذت ۽ آنند ۾ منھنجي لاءِ تنھنجي آنند جو ڇھاءُ آھي."

"ھائو، منھنجا سڀ خام خيال خوشيءَ جي اُھاءَ ۾ ٻسم ٿيندا، ۽ منھنجون مڙئي ترشنائون ڦولارجي محبت جا ميوا ٿينديون."

۽

"نه، مٽر، تون ڇا به چئين، مان ڪڏھن به سنياسي ڪونه ٿيندس."

"مان ڪڏھن به سنياسي ڪونه ٿيندس، جي ھوءَ مون سان گڏ ٻرلگيا نه ڪندي."

"منھنجو پڪو ارادو آھي ته جيسين پراشچت لاءِ

انهيءَ وشؤ درشن پائڻ سان هو ساري وشؤ، ساري ڪائنات، پاڻ ۾ ٿو پسي، جو جزو خود ڪل آهي. چي :

”اُئين پيو ڀانيان ته وشؤ جا سڀ ستارا مون ۾ پيا وسن، سنسار، نياڻ جي اُٿل نيائي، منهنجي جيون ۾ اچيو پلٽجي.“

”گل ڦل منهنجي جسم ۾ ڦولار جيئو پيهن.“

”جر ٿر جي جواني، واس ڏوپ جيان، منهنجي هنئين ۾ اُهاءُ پيئي ڪري، ۽ ڪل پدارٿن جو پساهه منهنجي وچار تي، ٻانسريءَ جي نيائي، پيو رهي ۽ رقص ڪري.“

ٽئگور جي شعر جي ٻلنديءَ ۽ اَمرتا جي پوري شناس تڏهن جڙندي، ۽ منجهانئس سچو لطف ۽ آنند تڏهن پرائبو، جڏهن پڙهندڙ پاڻ انهيءَ ۾ اهو ڪلپي مشاهدو، اهو وشؤ درشن، ماڻيندو.

(آنبس : ١٩٣٤ع)

"هاڻ وقت آهي جو تنهنجي سنمک چپ چاپ ويهي، هن مانيٺي اُمتي واندڪائيءَ ۾ ارپڻا جو گيت ڳايان."

هن جي فيلسوفاڻي مشاهدي موجب جا جوت جيوت ۾ جلوه‌دار آهي، سا ئي سنسار ۾ ظاهر توڙي باطن وسي ٿي:

"جيوت جي نهر جا بار هوئي مون ۾ پيئي وهي، سا وشو جي هرهڪ وَٿ مان نرت ۽ ناچ ڪندي پيئي وهي."

هن لاءِ هرڪا وستو انهيءَ ساڳيءَ جيوت جو نماءُ ۽ ابدي سنبند جي اي انت سلسلي جي هڪ ڪڙي آهي.

"مُنيءَ جي مت تنهنجو اُهڃاڻ مون ڪان محفوظ ٿي رکيو — جڏهن اِها مون کي سندس معنيٰ جي ڄاڻ نه هئي. هاڻ سڃاڻ ٿيو آهيان ته اُهو اُهڃاڻ هر ڪنهن وستوءَ ۾ پيو پسان."

"گلن جي ورقن تي نقش ٿيو پيو آهي؛ لهرون پنهنجيءَ گجهيءَ مان جهلڪا ڏيئي پيون ظاهر ڪن؛ پهاڙ پنهنجين چوٽين تي ڪيس سر بلند رکيو بيٺا آهن."

"اوڪان مهن مڙهل هوم جهڙڪري ئي سندءِ اُهڃاڻ جا اکر اُهنا ٿي پڙهيم، ۽ معنيٰ نٿي سمجهيم."

● ڪوي ٻيوس: نئين پرڀات جو وهائُو تارو

”اڄو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالو رهو ڪنگڻ،
ايندا لڄ مرڻ، تنهن سر مٿي هنجڙا.“ (شاهه)

شاهه، سچل ۽ سامي سنڌي شاعريءَ جي ٽمورتي آهن. شاهه ته سنڌي شاعرن جو سرتاج آهي، ۽ سچل سنڌي شعر جو چنڊؤل. سامي وري سنڌي ڪوتا جو هنج آهي جو سدائين ويدانت جا ماڻڪ، موتي ۽ لال پيو چڻي.

انهن ٽنهي شاعرن جي شعر ۾ پنهنجي پنهنجي يگاني تازگي ۽ توانائي آهي ۽ پنهنجي پنهنجي اصليت.

انهن ٽنهي شاعرن جي شعر ڪانسواءِ ٻيو ڪل سنڌي شعر ٻن قسمن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: هڪ، انهن شاعرن جي شعر جي تقليد ۽ پابندي؛ ۽ ٻيو، فارسي شاعريءَ جي تقليد.

ٻنهي قسمن جي تقليد ۽ پابنديءَ سنڌي شعر کي نقلي ۽ رسمي بڻائي ڇڏيو. وشيه توڙي النڪار ۾،

ٻيئل پاڙيءَ جا ٻند ٻڌي، شبد گنگا کي آزاد ڪرڻو هو. سنڌي شعر ۾ نئين رواني ۽ نيارائي، نئين تازگي ۽ توانائي، نئين جهلڪ آڻڻ لاءِ اهو ضروري هو ته قدامت پرستي توڙي پارسي شعر جي تقليد ختم ٿئي.

ڪشنچند کتري، جو "بيوس" جي نالي سان پرسڌ آهي، پهريون سنڌي شاعر هو جنهن اهو اهم ڪم ڪيو. هن جي شعر ۾ نڪا شاهه، سچل ۽ ساميءَ جي تقليد آهي ۽ نڪا وري فارسي شاعريءَ جي پابندي.

هن جي ڪوتا سان سنڌي نظم جي نئين پرڀات ٿئي. هڪ نئون آزاد روح سنڌي ڪوتا ۾ اوچتو ئي اوچتو لڙي آيو، جنهن آزاد دل جي اُتاهين تان، ۽ سنڌي شاعري نه صرف اُنهيءَ پرڀات جي ڪرڻن ۾ جرڪي اٿي، پر سنڌس دائرو به وسيع ٿي ويو. قدامت پرستيءَ جي زنجيرن کان آجو ٿي، سنڌي شعر نون وشين ۽ وچسين، نون وزنن ۽ ورنن ۾ نمودار ٿيڻ لڳو. خط ۽ خال، ڪاڪل ۽ ڪجل، بلبل ۽ گل جا شاعرانا ذڪر ختم ٿيا. جيتوڻيڪ ڪوتا پريم جي اُمنگ کي ٺوڪاري نٿي سگهي، ڇاڪاڻ ته انساني پريم ڪوتا جو روح روان آهي، ته به اڪيچار بيا اُمنگ ۽ اُتساهه جي انسان جي هردي ۾ اُڀرن ٿين ٿا، سي جنهن ڪوتا جو روپ وٺي بيوس جي شعرن ۾ شايع

ورن لوڙي جذبات ۾، سنڌي شعر انهن ٽن نو شاعرن جي شعر جو پڙاڏو ٿي ٿيو.

ٻئي قسم جي تقليد سنڌي ڪوتا ۾ فارسي شعر جون وشيون ۽ ورجسيون، فارسي شعر جي علم عروض جا قاعدا ۽ پابنديون، فارسي شعر جا النڪار ۽ صنعتون، ٻلتي وڌيون، جن جو نه سنڌي جيوت سان ۽ نه وري سنڌي محاوري سان ڪو سنبنڌ هو. انهيءَ قسم جي شعر پڙهڻ سان جو حظ حاصل ٿيو ٿي سو صرف ذهني هو.

ائين پيو ڏسجي ته سنڌي شاعريءَ جو جهرڻو پنهنجي نرت، پنهنجي رمت، پنهنجي روانيءَ ختم ڪري چڪو هو. هڪ تلاءَ جو روپ ڌاري، ڪوتا جي گنگا وهڻ بند ڪري، بيٺل پاڻي ٿي پيئي هئي، انهيءَ بيٺل پاڻيءَ ۾ ڪڏهن قضاني سهڻا، انوپ ڪنول اسريا ٿي، جن جي ڏسڻ سان نيڻ چمڪي ٿي اٿيا ۽ هردي ۾ آنند جي لهر لوڙي ٿي آئي؛ پر جئن وقت گذرندو ٿي ويو تئن انهيءَ تلاءَ جي ڪنڌي تي مردگيءَ جي ماندو ڪندڙ بانس سنڌ جي سنسڪرتي جيون کي ٻوساٽڻ لڳي. "اهو پاڻي لڙ ٿيو، ڪالوريو ڪنگڻ." ڪنگ، سگهڙ شاعر، سنڌي شعر جو نرمل نير ڪالوري رهيا هئا. "ايندا لڄ مرن، تنهن سر متي هنجڙا." اهڙيءَ فضا ۾ اعليٰ درجي جو شعر، نئون ۽ نيارو، پيدا ٿي نٿي سگهيو.

● دارا شڪوهه: هندو - مسلم اتحاد جو شهيد

"صوفي لاڪوفي، ڪو نه ڀانئيس ڪير."

(شاهه)

"سڀيئي مارڳ مت، ڳالهه ڪرن ٿا هيڪڙي."

(سامي).

سڀئي شهادت ڪنهنکي ٿي نصيب ٿئي؟ انهن کي، جي سچ جا ڪوڏيا آهن؛ جـي حق جو ذاتي مشاهدو ماڻي، ان جي شاهدي ڏين ٿا، ۽ انهيءَ ڪري سر سهسائين ٿـا. مذهب يا ملت لاءِ جي شهيد ٿيا آهن، تن کان انهن جو مرتبو مٿي آهي، جن مختلف مذهبن ۽ جدا جدا جاتين کـي ملائڻ جي ڪوشش ۾ پنهنجو سر صدقي ڪيو آهي.

دارا شڪوهه، شاهه جهان جـو ولـي عهد، صوفي فلسوف هو. سڀني مذهبن جي برادري ۽ انسان ذات جو اتحاد، اهو هو سندس زندگيءَ جو اعليٰ، سونهري خواب. هندوستان جي تاريخ ۾ هيءَ هڪ عظيم الشان

ٿيا لڌڙهن سنڌي شاعريءَ جو نئگه دائرو وشال ۽ وسيع ٿي ويو. سندس ”ڪڙڪبيتو“ ۽ ”مکڙيءَ جي ٻيتائي“ انهيءَ وشالتا جا جرڪندڙ مثال آهن.

ٻيوس جي شاعريءَ جو درجو آئينده مقرر ڪندو. هو اسان کي اهڙو نه وڻجهو آهي جو سندس شاعرانو مقدار پوريءَ ريت ڪٿڻ مشڪل آهي.

پر بلاشڪ، سنڌي نظم جي تاريخ ۾ سندس نالو انهن ٿورن فنڪارن ۾ ڳڻيو ويندو جـي ساهت ۾ نئين وات گهڙي، ساهت جو سنسار وشال ۽ ويڪرو ڪن ٿا، جي ساهت ۾ نئين ۽ نرالي جهلڪ آڻين ٿا، ۽ هڪ نئون دور شروع ڪن ٿا.

ٻيوس سنڌي شاعريءَ جي نئين پرڀات جو وهائڙ تارو آهي. ●

(”ڪوي ٻيوس: چرڻين وسي“: ١٩٥١ع)

حديث، فارسي شعر ۽ تاريخ تيمور مطالع ڪرايا ويا. هن قرآن شريف ۽ حديث جو اڀياس عقل ۽ فهم سان ڪيو تہ ڏسجي، ۽ تقليدي مستند شرحن جي پابندي اختيار ڪانہ ڪئي اٿس. ملا عبداللطيف سلطانپوريءَ جي اثر هيٺ علم ۽ ادراڪ ۾ تحسين جوڳي ترقي ڪئي ۽ فيلسوفي مسئلن ڏي متوجه ٿيو. سائي سلي، سندس دل جو لاڙو صوفيانو هو، جنهنڪري مسلم صوفين جي ڪلام ۽ طريقي جو چڱو اڀياس ڪيائين اهڙو اشارو هو پاڻ پنهنجي تصنيف "سر اڪبر" ۾ ڪري ٿو، ۽ "سفينة الاوليا" "سڪينة الاوليا" "رسالہ حق نامہ" ۽ سندس ٻين تصنيفاتن ۾ جي گائبا سارا گفتا ۽ ڪلام مختلف صوفين جا حوالي طور ڏئي ٿو، سي انهيءَ ڳالهہ جي تصديق ڏين ٿا تہ انهيءَ ڏس ۾ سندس اڀياس نهايت وشال هو. انهن ڪتابن ۾ هو جدا جدا صوفي اصولن ۽ عقيدن جي اپتار ڪري ٿو، پر جن نتيجن ۽ راين تي پهچي ٿو، سي سندس پنهنجا ۽ نهايت معقول آهن.

جوانيءَ ۾ هن گهڻن مسلم صوفين توڙي هندو ويدانتن جي صحبت ڪئي، ۽ مجذوبي طريقي (ڀڳتي مارگ) جي تصوف مان پاڻ کي واقف ڪيو هنن مان ڪيترائي معرفت جا صاحب هئا ۽ مذهبي تنگدليءَ کان بلڪل مڪت هئا. هنن اها ئي سکيا ٿي ڏني تہ روح (جيو آتما) ڪنهن انڌ وشواس يا تقليدي

مثال آهي هڪ شهزادي جو، جو پنهنجي ملڪ جي جدا جدا مذهبن جــو اڀياس ڪري، اُنهن جي وچ ۾ يڪوجوديءَ جو مادو ڳوليو لهي، ۽ اُنهن ۾ سازي ۽ سلوڪ آڻڻ جي اُدم ۾ پنهنجي پـاڻ ۽ هم-مذهبن هٿان شهادت جو ڇٽ ڀري.

شهزادي محمد دارا شڪوه جــو تولد ٢٦ صفر هجري سنه ١٠٢٤، مطابق سومر ٢٠ مـارچ ١٦١٥ع، اجمير جي پرسان ساگر ٽال ڍنڍ جـي ڇڪ ۾ ٿيو. "سفينت ال اوليا" ۾ دارا پـاڻ لکي ٿو ته ڇوويهن ورهين جي عمر ۾ سندس والـد درويش معين الدين چشتيءَ جي مقبري جي زيارت لي ويو ۽ اُتي پٽ لاءِ سوال ڪيائين، جو اُنهيءَ کان اڳـي کيس فقط نياڻيون ڄــايون هيون. جلد درويش جـي دعا ۽ برڪت سان کيس فرزند ڄائو، ڇوڏاري جشن ۽ جلسا لڳي ويا. جهانگير بادشاهه، نينگر جي ڏاڏي، مٿس دارا شڪوه جو نالو ڌريو.

شهزادي دارا جي ننڍپڻ ۽ سندس تعليم ۽ تربيت جو احوال، همعصر مغل تاريخن مـان نهايت مختصر ملي ٿو. عبدال حميد لاهوري جي "پادشاهه نامه" مان رڳو اها خبر پوي ٿـي ته ٻيرهن ورهين جـي ڄمار ۾ مڪتب ۾ وهاريو ويـو ۽ ملا عبداللطيف سلطانپوري سندس معلم مـقـرر ڪيو ويـو. ڏسڻ ۾ ائين ٿـو اچي ته ٻين مغل شهزادن جيان کيس قران شريف ۽

مون تي عنايت ٿي. هن جي لطف ۽ ڪرم سان الاهي معرفت جا دروازا مون لاءِ کلي پيا."

قادري طريقي ۾ داخل ٿيڻ هنجي آتمڪ پرڦلتا جو ڪارڻ ٿيو. خود شناسيءَ ۽ پاڪيزگيءَ جي اعليٰ منزل سندس اڳيان، وڃهي پونڊڙ، سچ ۾ چمڪندڙ بيداريءَ جيان، روشن ٿي اٿي.

ٻين مسلم توڙي هندو درويشن سان سندس صحبت — ملا شاهه، محب الله شاهه، دلربا شاهه، محمد لسان الله روستڪي، بابا لال داس ٻيراڳي (جو ڪبير ڀڳت جو شش ۽ هڪ وڏو جتي پرش هوا) ۽ پنڊت جگن ناٿ مسر - سندس دل ۾ اها اڀلاڪا آڻي ته هندو ڌرم ۽ اسلام ۾ باوجود ظاهري اختلافن نرالائين جي، ڪو بنيادي اتحاد آهي. رفته رفته سندس تصوف ۾ دلچسپيءَ ئي ڪيس ٻين مذهبن جي صوفيانـي خيال ڏانهن مائل ڪيو. انجيل مقدس جو ابياس ڪيائين، ۽ پنهنجي پڙ ڏاڏي اڪبر جو مثال وٺي، هندو شاستر مطالع ڪرڻ لڳو. سنسڪرت پڙهڻ شروع ڪيائين، ۽ سنسڪرت جي ودوانن جي وٽس آمد و رفت ۽ قدرشناسي ٿيڻ لڳي. بنارس جي ودوان پنڊتن جي واهر ۽ سهڪار سان اپنشدن، يوگ وسشٽ ۽ ڀڳوت گيتا جو پارسي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيائين. "مڪالمات بابا لال" سان ترتيب ڏني ته

اعتقاد کان ڇوٽڪارو پاتو. اهڙن صاحبدل عارفن جي صحبت ۾ مذهبس اهـا سرت جاڳي، جو هـو سڀني مذهبن جو جوهر جـذب ڪري سگهيو. مذهبن جا ٻاهريان روپ ۽ رنگ، عقيدا ۽ اعتقاد، جي ئي جدائيءَ جـو ڪارڻ آهـن، سي ڪيس سندس هن روحاني ڪوجنا ۾ روڪي نه سگهيا.

ميان مـيـر (ف. ١٦٣٥) ۽ ملا شاه بـدخشانـي (ف ١٦٦١)، جـي ٻئي قادري طريقي جا نامڪٽيا درويش هئا، تن سان سندس محبت پيئي، گهرو رشتو ٿيو ۽ ٻنهي جو سندس جيوت تـي گهاٽو اثر پيو. هنن جي ئي ترغيب سان هـو قادري طريقي ۾ داخل ٿيو، ۽ انهن جي فراخدل تربيت مجذوبي مارڳ مـان واقف ٿيو. "رساله حق نامه" ۾ لکي ٿو:

"هيءُ فقير، دارا شڪوه، انهن درويشن مـان آهي جي پاڪمرادو حق ڏانهن مائل آهن. حق جي طالبن ۽ مشتاقن جـي صحبت مـان کيس حق جي اسرار جو احساس پڙ پيو آهي. انهن مٿياڻا مرشدن وٽان کيس جهجهو فيض رسيو آهي. سندن سکيا جي سچائيءَ جـي تصديقات ڪئي اٿس... هڪ ڏينهن، رات جو، کيس الهام ٿيو ته حق کي رسڻ جو بهترين ۾ بهترين مارڳ قادري طريقو آهي."

ملا شاه نسبت "سڪينت ال اوليا" ۾ لکي ٿو:

"حق جي طالبن مان هڪ جي (ملا شاه جي)

اڳتي هلي، هو لکي ٿو ته ”انهيءَ کان پوءِ مان خيال ڪرڻ لڳس ته هندوستان ڇا جي ڪري وحدانيت کان مشهور آهي ۽ ڇو الاهي وحدت جي هيڏي ساري چرچا هن پوميءَ ۾ هلندڙ آهي، ۽ ڇو ظاهرا ٿوڙي باطن هندن جي قديم قوم ۾ الاهي وحدانيت جو انڪار ڪٿي ڪونهي.“ چئي ٿو ته ”خدا جي وحدانيت جو صوفي طالب ۽ وڪيل ٿي، مون هر سو حق جي ڳولا ڪئي، هر ڪنهن زبان ۾ نيٺ، انهيءَ نتيجي تي پهتس ته روحاني حاصلات جي مٿين منزل تي مذهب ڪا به اهميت نٿو رکي، بلڪ انهيءَ جي ڪا به درڪار ڪانهي.“

”هن حق جي طالب خدا جي وحدانيت محسوس ڪرڻ لاءِ عربي، شامي، زبان بابل ۽ سنسڪرت ڏي ڌيان ڏنو ۽ اپنشد، جي وحدانيت جو خزانو آهن، تن جي پڙهڻ ۽ پرجهڻ جي خواهش ٿيس.“

هن جي لکڻ موجب ويد، وقت جي نقط نظر کان، وڏي اهميت رکن ٿا، جو اهي پراچين ۾ پراچين الاهي الهام جو مظهر آهن— ”حق جي چشمي جو سرمايو، وحدانيت جو اجهاڳ بحر، قران شريف سان متفق، بلڪ ان تي شرح.“

انهيءَ راءِ جي تائيد ۾ هو هيٺين آيت قران شريف مان پيش رکي ٿو:

” تحقيق قران محترم آهي انهيءَ ڪتاب ۾ جو

هندو تتو گيان، ويدانت، يوگ ۽ گپت وديا ۾ ڪهڙي نہ سندس گهري دلچسپي هئي.

اڪبر جي هندو ڌرم ۾ دلچسپيءَ جا ڪارڻ راڄنيتي يا سياسي هئا؛ ليڪن دارا شڪوه حق جي طالب جي حيثيت ۾ اُن جو اڀياس ڪيو. معرفت لاءِ هن جي تن ۾ اها تُونس هئي جا پئڻ سان نٿي لاٿي:

”جي سمنڊ منهن ڪريان، تہ سرڪيائي نہ اُڃ“

(شاهہ) انهيءَ اُڃ اُساٽ جي اُجهائڻ لاءِ هن سڀ ڏسون ڏوريون ۽ سڀ مارڳ مت جاچي ڏٺا. نيٺ، پرتيت ٿيس تہ حق هڪ آهي: انهيءَ لاشريڪ حق جو ظهور هن هر سو ۽ هر جاءِ ڏٺو، ۽ اُن جو منير مشاهدو هن هر هڪ مذهب ۽ مت ۾ پسيو.

”سر اڪبر“ جي مهاڳ ۾ لکي ٿو:

”وحدانيت جي مشاهدي ماڻڻ جي خواهش اجهاڳ مهراڻ مثل وڌندي رهي. منهنجي من ۾ باريڪ شڪ شبها جاڳيا، جن جي حل ٿيڻ جو امڪان ڪونہ ٿي ڏٺو؛ ۽ جنهن صورت ۾ قرآن شريف نهايت ڳجهارتن سان ڀريو آهي جن جا سمجهائيندڙ اڄ ڪلهہ ڇڊا پاڊا آهن، انهيءَ ڪري منهنجي خواهش ٿي تہ سڀ الهامي ڪتاب ڪٺا ڪريان جنءَ الاهي الفاظ ٻنهنجي شرح پاڻ ٿين، هڪ ڪتاب ۾ مختصر ۽ ٻئي ۾ مفصل.“

ثابت ڪرڻ هو ته اسلام ۽ هندو ڌرم، جن ۾ ظاهري بنيادي اختلاف پيو ڏسجي، سي در حقيقت ساڳيا آهن. ٻئي انسان جي حق حاصل ڪرڻ جي اُدم جا نتيجا آهن."

شهزادي جي انهيءَ ڪوشش مسلمانن جي ڪٽڻ دائرن ۾ ولولو پيدا ڪيو: ڪيس مشرڪ، منڪر ۽ بيدين سڏڻ لڳا. هندن سان سندس دوستيءَ ۾ شڪ شبها اُٿارڻ ۽ گمان آڻڻ لڳا. "عالمگير نامہ" جو مصنف محمد ڪاظم لکي ٿو ته "هو سدائين برهمڻن، جوگين ۽ سنياسين جي صحبت ۾ رهندو هو، ۽ انهن ضلالت ۽ گمراهيءَ جي خسيس اُستادن کي معرفت جا صاحب سمجهندو هو. هو سندن گرنٿن کي، جن کي 'ويد' سڏين ٿا، ڪلام الله ڪري سڏيندو هو، ۽ انهن جي ترجمي ۾ مشغول هوندو هو. "الله" جي مقدس نالي جي بدران هن "پريو" اختيار ڪيو... ۽ اهو نالو ديوناگري اکرن ۾ پنهنجيءَ منڊيءَ تي اُڪرايو هئائين... انهن گمراهيءَ سان پريل مٿن جي ڪري، نماز، روزا ۽ ٻيون ديني پابنديون ڇڏي ڏنيون هئائين... اهو ظاهر ظهور هو جي دارا شڪوه تخت نشين ٿيندو ۽ سندس حڪومت جي پوهي هندن پٽ هلندي ته دين جي ٻيڙي کي خطرو ٿيندو، ۽ دين اسلام جي عقيدن جي جاءِ ڪفر ۽ يهوديت جا مٿا والارِيندا."

محفوظ آهي. صرف پاڪ ۽ پوتر تـي اُن کي ڇهي
سگهي ٿو. اهو رب العالمين جو الهام آهي."
(سورة ٥٦، آيت ٧٧-٨٠)

"اسلامان اڳي هئي، سا سڃاڻين ٻانگ."
(شاهه)

اهڙا دلير راڻا ظاهر ڪري، اسلام ۽ هندو شاسترن ٻنهي ۾ حق جي وحدانيت واري مٿي جي هڪجهڙائي ثابت ڪرڻ ۾، هن جا تنگدل، ڪٽر فرقن ۾ ٻنهي جي لاءِ مخالفت، بلڪ دشمني، پيدا ٿي ڪئي، تنهنڪان هي حق جي راهه جو پانڌيڙو غير واقف ڪونه هو. هن انهن تقليدي طاقتن ڪـي پليءَ پٺ ڄاتو ٿي ۽ ٻر هو انهن پر ٻڌي، سٽ جو سڌو سنواتو سير ڇڏڻ لاءِ تيار نه هو.

اسلامي تصوف ۽ ويدانت، يوگ ۽ هندو ڪريا ڪانڊ جي اڀياس توڙي ٻين مذهبن سان واقفيت سندس دل جي اُفق تي عالمگير برادريءَ جـو هڪ نئون درشن، نئون منظر پيدا ڪيو، ۽ هن "مجمع البحرين" ۾ برهم وديا ۽ قرآن شريف جي ٻن مهراڻن کي ملائڻ جي ڪوشش ڪئي، ٻـن سمنڊن جـو سنگم ڪيو. ڊاڪٽر يوسف حسين "ٻـرڀـٿ ڀارت" مخزن ۾ لکي ٿو ته "سندس انهيءَ مراد جي پرٿواڀيءَ جي ڪوشش ڏيکاري ٿي ته هن هڪ مذهب ٻئي مذهب تي مڙهڻ ڪونه ٿـي گهريو. هن جـي اها اڀلاکا هئي ته

تهذيبون هڪ ٿيڻ، اعليٰ اتصال جي صورت وٺي،
اسانجا سڀ مسئلا، آرٽڪ ٽوڙي آنڪ، حل ڪن ها.

شوڪ شهادت جو، الله! آهي اهو:
پورو پهت نہ ٿيو، مٺو جنهن مراد لڌ.

شوڪ شهادت جو، اڄ پاڻ مون آهي
سا سهڻي سهائي، رتا جا رب جي.

رتا جا رب جي، لوچي ڏنم لهي؛
ڪيم سر سهي، اختلافن اتحاد جو.

”سختي شهادت جي، نسورو ئي ناز“؛
مختلف مذهبن جو، رند پروڙيو راز؛
روح رمز شناس جو، بانڪو مثل باز؛
ويو ڪري پرواز، ڏيئي پيغام پرت جو.

(اسپڪ) ●

(”سندو“: جون ١٩٤٠ع)

انهيءَ ۾ ته ڪو به شڪ ڪونهي ته دارا شڪوه جي
انهن فراخدل خيالن ۽ اعليٰ آدمن جي ڪري
سندس ڀاءُ اورنگزيب جي شرعي صلاحڪارن
هيءَ فتويٰ ڏني ته ”دارا شڪوه شريعت کان منڪر
ٿيو آهي ۽ الاهي مذهب جي بي حرمتي ڪئي اٿس،
۽ شرڪ سان شامل ٿيو آهي.“ انهيءَ فتويٰ جي زور
تي سندس قتلام جو پروانو نڪتو ۽ هن صوفي لاڪوفي،
هن حق جي دلير پانڌيڙي جو لاشو دهليءَ جي
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ گهمايو ويو. روايت آهي ته اهو
منظر ڏسي، بي شمار ماڻهن جي اکين مان بي اختيار
لڙڪ لڙي آيا، بي شمار ناظرين سرد آه ڀري، هن سلوڪ
۽ سازشيءَ جي پٺيان جي هن قسم جي موت تي ماتم ڪيو.

نڌان، اهو انومان ناجائز نه ٿيندو ته جي
دارا شڪوه، مغل تخت جو حقي وارث، عالمگير
اورنگزيب جي بدران گادي نشين ٿئي ها ته جيڪر
هندوستان جي تاريخ جا ورق ڪنهن نئين روحاني
من - اچل جي دلڪش چٽ سان چٽيل هجن ها.
هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ نفاق ۽ ناسازيءَ جي بدران
سلوڪ ۽ ساز، ڪنهن اونهي فهم تي ٻڌل، نظر اچي
ها. جا تحرڪ ڪبير، نانڪ ۽ ٻين الله لوڪن شروع
ڪئي، تنهنجي سرانجامي دارا شڪوه جي آدم سان
سترهين صديءَ ڏسي ها؛ ۽ ساري ڀارت ورش ۾ اها
ميلاپ ۽ ميڙائي جي لهر اُٿي ها، جو سڀ مختلف

● وجد يا حال

وجد عشق جو شوق و ذوق ۽ مستي آهي، جنهن ۾ جگياسو تي بي خوديءَ جي حالت غالب ٿئي ٿي.

وجد مهر جو پيالو آهي: انت جي ڪنجي آهي. ڪليدار ترار جيوت جي نگهبان آهي. وجد ئي انجي ليڪ ۽ لاؤ تي غالب پئي ٿو. سندس رڳو ڇهاءُ ئي مَس جيت پائڻ لاءِ ڪافي آهي. رستي جون سڀ رڪاوٽون سندس اَروڪ ڪاهه اڳيان ڪافور ٿيو وڃن.

وجد ئي جيوت جو سار ظاهر ڪري ٿو. انهيءَ ڪانسواءِ سرڳ ۽ بي سود آهي. ماڻهو سرو ڪلا سمپورن هجي ۽ ساري جيوت نيم انوسار ڪاٽي هجيس، ته ۽ جڏهن موت بعد سرڳ جا دوار سندس لاءِ کلن ٿا، تڏهن چاڪاڻ ته هن دنيا ۾ هن وجد جو ساءُ نه چکيو تنهن ڪري سرڳ ۽ الوڪو ۽ بدا شوق ۽ ذوق جي پاسيس ٿو. وجد هر ڪنهن ديس ۽ ڪال ۾ ملي

ٻوڙ، وڏيڪ سهڻو، ۽ ڏيک عميق ڀاسي ٿو.
"فرشتو خدا ۾ وسي ٿو: مجذوب سنت انمت راهه جو پانڌيڙو آهي. فرشتو هڪ جاءِ محڪم مڪان آهي، ۽ سنت سيلاني. انهي ڪري سنت جو رتبو فرشتي جي رتبي کان فوقيت رکي ٿو."

وجد حاصلات يا معرفت جو نڌان آهي، پر نه آخرين مقصد منزل. ليڪن قيد وجود جو نه جائي انت آهي: سندس رڳڙو ڇهاءُ سان انسان جيوت جي گهنگهر کان آجو ٿيو پوي. جڏهن انسان ڏينهون ڏينهن نيون حدون لتاڙي مٿي چڙهندو رهي ٿو تان جو هو سر و گيان ۽ ڌرم، ڪلي علم ۽ قاعدي جي جڙ- حق جي "آءُ"، مفرد وحدت ۽ غير محدوديت — وڃيو جهلي، تڏهن سندس اکين تان سڀ پڙ لهي پون ٿا، ۽ هو معرفت جي موج ماڻي ٿو؛ سندس سڀ تمنائون ۽ ترشنائون ناس هٿ ڪري، هو معرفت کان به مٿي چڙهيو وڃي.

"پرڪرتي، ڪل ۽ وچار کان مٿي" - اِها آهي انهيءَ جي حالت جنهن تي وجد واري حالت طاري ٿئي ٿي. سڀ مشڪلاتون سندس راهه تان ڪافور ٿيو وڃن. "منڙي مصيبت! مان پيار سان تنهنجي آجيان ڪريان ٿو"، هڪ سنت چيو. جنهنجي جيءَ ۾ دائمي ڏوڙي دڪيل، سو ڪٿن پاهه کان ڪنارو ڪندو؟ جيوت ئي هنجو پورن ضابطو ٿئي ٿو، ۽ ڪوهه

سگهي ٿو. هر هڪ گهڙي گويا سندس ڀڃڻ آهي، ۽
هر هڪ ڪرم يا عمل سندس چت جو ڀر جهلو.
ڪجهه به ساڻس سينو ساهي نٿو سگهي. هيءَ اها
ڪيميا آهي جا هر ڪنهن جڙ وستو کي آتم روپ
بنايو ڇڏي. جو منجهس نواس ڪري، سو دوڻ
پوترتا جي دائري ۾ ٿو وسي. اهڙو انسان ماڻهن جي
ميڙ ۾ به ايشور سان هم دم ۽ هم قدم آهي. هن لاءِ
هر ڪا وِٿ ۽ هر ڪو عمل دوڻ ٿيو پوي. انسان ڇڙو
پنهنجو جيءُ ايشور سان جڙي ڇڏي، پوءِ سندس
مک مان ڪهڙا به وچن نڪرن ۽ سندس ڪن ٿي
ڪهڙا به قول پون، ليڪن هو سنسار جون سڀ
وٿون ۽ وچن هن ۾ ڏسي ۽ ٻڌي ٿو.

ذڪر يا سمرڻ شڪتي جا رواجي طرح انسان
جي جيوت ۾ ڪيتري نه ڪمزوريءَ ۽ ضعف جو
باعث آهي، تنهنجو وجد ٿي ڪوبه اُبتو اثر ڪونهي
ذڪر ته پاڻ وجد کي پڙڪائي ٿو. جو وجد جي جوش
خروش هيٺ آهي، تنهن لاءِ رواجي ۾ رواجي،
معمولي ۾ معمولي ڳالهيون نت نئون روپ اختيار
ڪن ٿيون.

وجد آنند سان اوچتو جذب ٿيڻ ناهي. قدم به
قدم انند ڏي مٿي چڙهڻو آهي. انند لهڻ آهي
گويا ٻي انت راه لهڻ.

ڪالهوڪي ڪاله جو عرش ٻئي پاسيو، سو اڄ
فرش پاسي ٿو؛ ۽ هر هڪ عالم ٻئي کان وڌيڪ

وجد وارو انسان پاڻ کي دنيا ۾ اجنبي ٿو ڀانئي. مال مرتبي ۽ مال متاع جــي تمنا کان هو آجو آهي. هن کي پارهوئي وطن ورڻ جــي تات طلب آهي. "وطن وران، شال وطن وران، ڀينگ هي سڀ ڀاڙا" ــ اها آهي سندس تنوار.

وجد ۾ ماضي ۽ مستقبل، پوءِ ۽ پيش، مٽجيو حال ٿيو پون. وقت جون ديوارون ڀڄيو ڇيهون ڇيهون ٿين ٿيون: ابد جون حدون الــوپ ٿيون وڃن. رڳو ساعت وڃيو رهي، ۽ اها ساعت آهي ابد. انهيءَ جي اکنڊ جوت ۾ جيڪي هــو ۽ جيڪي ٿيندو سو سڀ ساڌو ۽ وحدانيت ۾ نظر اچي ٿو. انهيءَ کري آتما جو پورب جنم توڙي آئينده، بلڪ ڪائنات جو ماضي ۽ مستقبل، مجذوبي دل جي درسنيءَ ۾ روشن ٿيو بيهي. هو وس جو سارو عاليشان مظهر هڪ نقطي ۾ پسي ٿو. انهيءَ حالت ۾ زمان ۽ مڪان جا سندا مشاهدي کي پڄي ڀاڳا ڀاڳا ڪونه ٿا ڪن. هي مظهر وحدانيت وارو آهي ــ اها وحدانيت جنهن ۾ ساري ابد هڪ ساعت ۾ سمايل آهي، ۽ ساري وشال وشو هڪ نقطي ۾. اهوئي سبب هو جو هڪ سنت رکي رکي گهڙيءَ ۾ وقت پيو ڏسندو هو، انهيءَ لپ کان نه مٿان هن سنسار جي شناس ماڳهين وڃائي نه وهي؛ ۽ هو پيو سنت پنهنجي روحاني مشاهدي کي روڪڻ ۽ جــدا جــدا روپــن جي احساس لاءِ ورِي عشق پائيندو هو.

ٻاهريون حادثو هن جي الاهي پاڪيزگيءَ کي پليت نٿو ڪري.

ڪڏهن قضائي وجد ڪنهن ڪرم يا عمل جي ذريعي پاڻ پڌرو ٿو ڪري، ۽ اُن کي پاڪ ۽ پوتر ڀاوَ سان ڀريو ڇڏي. انهيءَ قسم جي اُتم ۾ اُتم ۽ پوتر ۾ پوتر پڌرائي آهي نرت يا ناچ. سارو جسم وجد جي روح وهيڙهو ٿيو پوي. جرڪ جي بي شمار لهرن ۾ وجد واري روح جي مسرت ۽ حسرت روپ وٺي ظاهر ٿئي ٿي. ورهين جو ٻار سرير ٿان ڪريو پوي، ۽ پير ڇٽن ورهين جي ٻالڪ جي پيرن جيان هلڪا ٿيو پون. **گورنگا چئتنيه**، ڪرشن ڀڳت، جي نرت جو ورنن جن پڙهيو هوندو، سي محسوس ڪري سگهندا ته وجد واري نرت ڇا آهي. مجذوبي صوفين جي نرت به انهيءَ ڏانءَ جي آهي.

ڪن حالتن ۾ وجد وري آواز جو روپ ٿو ڌاري ۽ اهي آلاپ، اهي سر، آلاپي، جن ۾ مجذوبي مستيءَ جي هڳاءَ جي ڇٽ آهي. دنيا جو اعليٰ ۾ اعليٰ شعر انهيءَ سرمايه، مان ٿو سرجي.

جتي راڳ ۽ رقص، آلاپ ۽ نرت، ملي وجد کي پڌرو ٿا ڪن، تتي ڪائنات جي همسازيءَ جو عجيب ڇٽ، ڪن پل لاءِ، ڇنڇيو وڃي. ناظرين تي اُنجو گهرو اثر ٿئي ٿو، ۽ اثر پذير من تي وجد جي حالت نازل ٿئي ٿي.

"يا آهيون پنڌيان ..." (سچل)

"ماءُ جڻيندي پٽڙا، پاڳ نہ ڏيندي ونڊ."

ٻيجل راجائي گهر ۾ جنم لهي ٿو - راجڪماريءَ جي ڪک مان؛ پر سندس نصيب ۾ راجائي تيپاج لکيل ڪونهي. ٻاروتڻ ۾ ئي راجائي رنگمحل ڇڏي، هڪ چارڻ جي جهوپڙيءَ ۾ پرورش پائي ٿو. جن نکٽن هيٺ هن هن، لوڪ ۾ پير ڌريو، هي مشڪي رهيا آهن، انسان جي ٻيوسيءَ تي؟

ٻيجل چارڻ ٿي ساماڻو. پر سندس دهقاني جيوت سندس ذاتي جوهر دٻائي نہ سگهي. وڳراه ۾ مال چاريندي، پرڪرتيءَ جون لطيف لرزشون سندس هردي جي تارن کي تنواريون ٿيون، ۽ هو پنهنجي چنگ جي تارن سان پرڪرتيءَ جي وشال هردي جي تارن ۾ اهي لرزشون اٿاري ٿو، جو آسمان جا ستارا آنند ۾ ٽمڪڻ، جرڪڻ ۽ جهومڻ لڳن ٿا؛ پسون ۽

ڪي وجد جا صاحب، ڪثرت جي ڪثيف جار
کان پاڻ بچائڻ لاءِ ڪائنات کي ترڪ ڪن، ته ڪي
وري ڪثرت جـــي نانا پرڪار ۾ حق جو مدور
مشاهدو ماڻين. حال واريءَ اکه اڳيان دوئيءَ جا پردا
دور ٿيو وڃن عاشق جي اکه کي ٻاهريان وٿس ۽
ورن نٿا نڪين. هـــو اُنهن مـــان محبوب جو ذاتي
حسن پسي ٿـو. هر هڪ وٿ مـــان محبوب پاڻ
پيو آڇي.

مرڳان، مورڳان، پکڻان، وائي اُي م پيل ۾.
هـــي هلاچڙ هل، يا الله! سندو سڃڻين.
(ڪريم)

اهڙو آهي وجد جو حد لتاڙي بيحد ۾ ٿو اچي.
آهي انسان جي اڃا شڪتيءَ جو لخت جڳ، ليڪن
سندس ٻوهي فرش توڙي عرش جي ڪلي فوجن ٿي
ٿي هلي. جيوت جي جوت جو هڪڙو نميڙو نرورو
آهي جو سر انجاميءَ سان فدافي الله ٿيو وڃي. زمان
توڙي مڪان نابود ڪريو ڇڏي. آتما کي وشو روپ
ڪريو ڇڏي، ۽ وشو کي نانهن ۾ نئي ٿو.

هندون حيرت ۾، وڃـــي ٿيو ويڇون!
محبت جون ميڇون، ڪو ٻروڙي ڪين ڪي.
(شاهه)

(سندو: مئي ١٩٤٠ع)

۽ سورت کي سڌس حضور ۾ اچيو حاضر ڪن. رتنو، "مهاراج جي جئه ٿئي" چئي، نمسڪار ٿو ڪري؛ پر راء ڏياچ ڏڙهي ڏيئي ڪيس چوي ٿو: "اڙي رتنا! اهو سچ آهي ته تون پنهنجيءَ ڌيءَ کي ڌام ڌوم سان راجا انيراء سان پرڻائي رهيو آهين؟" رتنو، راء جو ڪوپ ڏسي، ڪرڙيءَ جيان ڪنبڻ لڳي ٿو، ۽ راجا کان پل ٽرسي چويس ٿو: "اسان ڇا چئون؟ اسان کي ڇڏي، پنهنجي ڌيءَ ڌارين ۾ پرڻائڻ جي همت ٿي اٿئي؟" قصو ڪوتاهه، انهيءَ رات ئي سورت راء ڏياچ سان ست ڦيرا ڦري، سڌس راڻي ٿئي ٿي. اڄ ته ساڳيا ئي نکٽ گگن جي اپار وشالتا ۾ مشڪي رهيا آهن: انسان جي بيوسيءَ تي؟

راجا انيراء گرنار جي گهوٽ ٿي ڪاهي ٿو اچي، پر شڪست کائي واپس ٿو وري. پوءِ ته پنهنجي راڄ ۾ رتن ٽڪن جي ٿالهه سان پڙهو ٿو گهمائي ته جو راء ڏياچ جو سر ويڻي! پندو تنهنکي نه فقط هي "رتن ٽڪن جو ٿالهه جڙندو، پر هر ڪنهن نموني مالامال ڪري ڇڏيو."

روڙي، ٻيجل جي لائن لڌي، پٽيءَ جي ساز جو راز، چنگ جو چهڪ، ياد ڪري، اهو رتن ٽڪن جو ٿالهه وٺي رکيو.

ٽڪر ٽاڪي، جڏهن ٻيجل گهر موٽيو تڏهن آڪاس ڪارن ڪڪرن سان ڍڪيو پيو هو، نکٽ ۽ تارا اپ

پکي مست ٿي سندس ارد گرد ڪنهن ازغيبي اثر
هيٺ اچيو مٿڙن سر نوايو ٻيهن. ساڳيا ئي نڪتہ مشڪي
رهيا آهن: انسان جي ٻوسيءَ ٿي ؟

راجڪماري ٻار، هو هڪ چارڻ جي جوان جماڻ ڏيءَ سان لاهون لهي ٿو - سادي سودي دهقاني نينگر، جنهنجي دل سندس چنگ جي چهڪ هيٺ مٿس مفتون ٿي آهي. ٻيجل جو ڦولنڊڙ جوڀن هنجي ٻالي ٻولي حسن ڏي ڇڪجي ٿو، ۽ ٻنهي ٻڌجي، هڪ ننڍڙي پر نهايت وشال دنيا — پريم جو آنند مٺي سنسار — رچين ٿا، ۽ ڏاڍو مزي سان انهيءَ جرڪندڙ جڳتر ۾، جنهنجون حدون جيتوڻيڪ هوردي ۾ ئي پوريون ٿيون ٿين ته به اهي دل جي ڪنهن ڪيميا سان ٻاهرين جڙ وسنن ٿاءِ ٻاڻ پکيڙيو ڇڏين، ڪجهه وقت ڪاٽين ٿا. ساڳيا ئي نڪتہ مشڪي رهيا آهن:
انسان جي ٻوسيءَ ٿي ؟

هڪ ڏينهن، سنجها ٽاڻي، جڏهن راءِ ڏياچ گرنار جي گهوٽ، پنهنجي محل جي دريءَ تي ويهي، اولهه طرف اُفق تي رنگن جي روپ — قير جي رمت ڏسي رهيو آهي لڏهن سندس ڪنن تي شرناءِ ۽ دهلن جو آواز ٿو پوي. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿو ٿئيس ته سندس راڄ جو رتنو ڪنڀر پنهنجي ڏيءَ سورٺ ڪنهي راجا انيراءِ سان شادي ڪرائڻ لاءِ وٺيو وڃي رهيو آهي. راءِ ڏياچ پنهنجا ماڻهو موڪلي ٿو جي رتني ڪنڀر

ٿي اچيو ٻيهي، ۽ پنهنجي ساز سان اُهي سر ۽ مرڪون
ڪيڻ جو

راجا رنگ محل ۾، جتا جڪ سر زمين،
جا هنيائين هٿن سين، سا سڳي ٻالا ٻين،
جت اچن نه اُرداهيگيون، اُت ڪوتايو اُمين،
"تازي ڏيوس ٽڪڙو، جوهر پاٽي زين"؛
ٻيو مڱي ڪين، ڏاران سر، سيد چئي.
راجا جو راضي ٿيو، تنهن ڏنا وڏا ڏان،
موٽي ڪارايا مڱڻي، طرح تنهن ڪي تان،
"مون وٽ مال متاع جي، ڪمي آهي ڪانه،
ڪارڻ رب رحمان، سر وڃي، سلطان! ڏي."

ٻيجل پنهنجي ڪلا جي الاهي ڏات سان، راءِ ڏياچ
کي اهڙو مدهوش ۽ مفتون ڪري ڇڏي، جو اُلي آنند
۾ اچي، اُلي ٿو ته

"مٺي اُلي منهنجي، جي هجا سرن سوَ هزار،
ته تنهنجي تند تنوار، هر هر ويهي هيڪڙو."

پوءِ نه ڪنارو ڪند ۾ وجهي، هيءُ ڏسن جو
ڏاتار، پنهنجو مٽيادار مٿو ڪپي، کيس ڏئي ٿو.

رات جي سناٽي ۾، ٻيجل جي ساز جي تار ٽٽيو
پوي. سنگيت سونهن ۾ سمائجيو وڃي.

آڪاس جي اٿاهه، سرد ديهه ۾ ساڳيا ئي نکٽ
ٽمڪ ڪري رهيا هئا، اڄ سندن ٽمڪ ۾ پرڪلتا جو
چمڪ ڏيکاري پيو ڏئي.

("سندو": جنوري ١٩٤٣ع)

۽ آهستي آهستي نڪتا ۽ هميشه وانگر جوت جي جهڳمڳ لاٽائون، پر پرڀاتيءَ ٿي نڪي مڏڪن نڪي پسن سندن چمڪ ڏمڪ جو ڇهڙو ڏنو. ها، ها، ساڳيا ئي نڪت، ڪڪرن جي سياهه ٻرڌي پٺيان، مشڪي رهيا هئا: انسان جي ٻيوسيءَ تي؟

* * * *

ٻيجل: "روڙي، تو هي ڇا ڪيو؟"

روڙي: "ڇا، راءِ ڏياچ جو سر تنهنجي سر جي ست سهي سگهندو؟"

ٻيجل: "پرجا پريه ۽ پراڪرمي راءِ ڏياچ جو سر! انهيءَ جو سر جنهن جي آتما سدائين سنگيت آهي ۽ سنگيت ئي جنهنجي آتما آهي! منهنجي چنگ چرڻ سان ئي، هن دل وڏيءَ جو داتا جو روح ريلو ڏيندو. هيءُ ته ڏنو وائنو خون ٿيندو، روڙي! نرڏوهه آتما جو خون! (ٻيوسيءَ سان) مون کان اهڙو ڪم ڪئن ٿيندو؟"

گگن جي گهور انڌڪار مان هيءُ تنوليءَ جو آواز ڪير پيو ڪري؟ - سوکم، آڪاس کان سوکم آواز؟

* * * *

قسمت، نيت، ماميءَ ۽ ڀاٽيءَ کي منهن مقابل ڪيو.

ٻيجل، چنگ ڪلهي ڪري، راءِ ڏياچ جي راج دوار

● علم لغات يا شبد وديا

عام طور وديارٿين جي دلين ۾ اهو خيال ويٺل آهي ته هر ڪا ٻولي مقرر ڪيل، اڻ ڦرندڙ حالت ۾ آهي. انهيءَ جو سبب اهو آهي جو وديارٿين جو ڌيان فقط ٻوليءَ جي انهيءَ صورت ڏي ڇڪايو ٿو وڃي، جنهن ۾ ساهت درج ٿيل آهي، جا ٻوليءَ جي ساهتڪ يا ادبي صورت آهي: قدرتن، انهيءَ ڪري، وديارٿي ٻوليءَ کي اڻ ڦرندڙ ۽ محڪم صورت ۾ ٿو سمجهي. ٻوليءَ جي سکڻ لاءِ جي قاعدا هن کي سکٽا ٿا ٻون ٿا تن جي سبب پڇڻ لاءِ هن کي همٿايو نٿو وڃي. خصوص جڏهن ”نراليون حالتون“ سڏيو ٿو وڃي، تن جي انهي حالت وٺڻ جو سبب پڇڻ کان هن کي هميشه روڪيو ٿو وڃي. ائين برابر آهي ته عملي نقط نگاه کان ٻوليءَ جو ابياس، تاريخي ابياس کان نرالو آهي؛ انهيءَ ڪري ٻوليءَ سيکارڻ جا جي واجبي رستا آهن، تن تي سراسر نڪته چيني ڪرڻ

ٻولي خيالن ۽ ڀاونن جي ھڪ ٻاھرين نشاني يا صورت آھي. اھا خيالن ۽ ڀاونن کي پڌري ڪرڻ لاءِ اشارن، تصويرن ۽ پتلين جي ڀيٽ ۾ گھڻي گھٽ سڌيءَ طرح ڪارگر آھي، جو اشارن، نقش ۽ سنگتراشيءَ وسيلي ڪو به دل جو ڀاءُ يا جذبو، خواھش يا تمنا، يا ڪنھن به حادثي جي يادگيري اھڙي طرح پڌري ڪري سگھجي ٿي جو اھا سڀني ملڪن جي ماڻھن کي سمجھڻ ۾ اچي ٿي. انھن جي پڌرائي معنيٰ ۾ عالمگير آھي. پر ٻوليءَ جون نشانيون ۽ صورتون ڇڙو اھي سمجھي سگھن ٿا، جي انھن مان واقف آھن، جي ڪن خاص آواز جي روپن ۾ خاص معنيٰ سمجھن ٿا. قصهِ ڪوتاهه ته، ٻولي ھڪ من مان ٻئي من ڏي ويچارن ۽ ڀاونن نيڻ لاءِ ھڪ اڻ سڌي نشاني آھي. لکيل ٻولي ته ٽھانئي وڌيڪ اڻ سڌي نشاني آھي، جو اھا نشانيءَ جي به نشاني آھي. لکيل نشاني ڦري جڏھن آواز جي صورت وٺي ٿي جنھن جي پاڻ نشاني آھي، تڏھن ئي سمجھاڻس معنيٰ ۽ مطلب نڪري سگھي ٿو.

اسان کي اھو ڪڏھين به وسارڻ نه گھرجي ته ٻوليءَ جو سچو مطلب آھي "ٻوليل آواز" جو ٻوليءَ جو ٻاھريون ۽ ٻڌڻ ۾ ايندڙ ڀاڱو آھي. در حقيقت ڪنھن به ٻوليءَ جو تواريخي نقط نگاهه کان اڀياس مدار رکي ٿو اسان جي آواز جي ڄاڻ پڇاڻ ۽ لکيل نشانين

عبث ٿيندي. پر ايترو نہ جائي شڌ مد سان چوڻو تو
پوڻي نہ ٻوليءَ جي اڀياس کي ڪنهن معقل بنياد تي
بڌڻ ۽ وديارٿيءَ ۾ تواريخي شناس پيدا ڪرڻ جي
ڪوشش ڪرڻ گهرجي.

وياڪرڻ نويس اسان کي چون ٿا تہ فلاڻي لفظ
جي فلاڻي حالت فلاڻي صورت ۾ صحيح آهي ۽
فلاڻي صورت ۾ غلط. هاڻي وياڪرڻ نويس کي
اهڙيءَ دعوى ڪرڻ جو ڪوبہ حق ڪونهي. هن کي
ڇڙو لفظ جي مروجي صورت يا حالت بيان ڪرڻي
آهي. "صحيح" يا "غلط" سان هن جو ڪوبہ تعلق
ڪونهي. در حقيقت، تواريخي نقطہ نگاه کان نرالي يا
بي قاعدي حالت آهي ئي ڪانہ. اهي ڇڙو ڏسڻ ۾
ائين ٿيون اچن. ٻوليءَ ۾ ڪجهہ بہ ڪنهن سبب
کانسواءِ ڪونہ ٿو ٿئي.

ٻوليءَ جي تواريخ ۾ مطلب آهي ٻوليءَ جي
ترقي، انهي ۾ جي شروعات کان وٺي اڄ ڏينهن تاءِ وقت
بہ وقت تبديلون ٿيون آهن. انهيءَ تفحص ۽ تحقيقات
لاءِ ضروري آهي تہ جن قدرتي قاعدن موجب اهي
تبديلون ٿين ٿيون، اهي ڳولي لهجن، ۽ اهي قاعدا
ڪسوٽيءَ تي لڳائي محڪم پائي تي بيهارجن، ۽
انهيءَ طرح معلوم ڪجي تہ ٻوليءَ ۾ ڪهڙيون رغبتون
۽ حالتون ڪري اهي ڦيرون گهيرون ٿين ٿيون.

ٻوليءَ مان جيتوڻيڪ ڪا خصوصيت غائب ٿيو وڃي، ته به پنهنجي هستيءَ جي ڪا نه ڪا نشاني ضرور ڇڏيو وڃي. انهي حالت ۾ اسين نتيجو ڪڍي سگهون ٿا، پر ڪارڻ نه ٿا ڪري سگهون. اهو نتيجو سمجهائي سگهون ٿا، جيستائين ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ جو سهارو نٿا وٺون جنهن ۾ اها خصوصيت قائم رهندي آئي آهي.

ٻولي جي اڀياس لاءِ ضروري آهي ته زنده ٻولين جي واقفيت مان اهو محسوس ڪجي ته ٻولي جي "جيوت" يا "زندگي" ڇا آهي؛ ڪهڙيون رغبتون ٻوليءَ ۾ ڦير گهير آڻين ٿيون. القصه، ته ٻوليءَ ۾ جا سانده ڦير گهير ۽ ترقي ٿيندي ٿئي ٿي، تنهن جا ڪهڙا سبب آهن ۽ اهي هر ڪنهن ٻوليءَ سان لاڳو آهن يا نه.

ٻوليءَ جي "جيوت" جا ٻه روپ آهن. هڪڙو جنهن جو تعلق انساني من سان آهي ۽ جو من وديا جي ڄاڻن جي تفحص ۽ کوجنا جو ميدان آهي؛ ۽ ٻيو جنهن جو تعلق پڌرائي جي نمونن سان آهي ۽ جو آهي آواز.

ٻولي ماڻهن جي شخصيت جو قدرتي اظهار آهي؛ انهيءَ ڪري، قدرتن، اها ماڻهن جي من ۽ تن جي ورتين ۽ عادتن ڦرڻ سان ڦرڻ ٿي گهرجي. هر هڪ قوم، هر هڪ جاءِ، هر هڪ شخص، نت، نوان نوان

جي صورت مان انهيءَ ۽ انهيءَ ڦير گهير ڪري سڃاڻڻ ٿي.

پر اسين ڪنهن ٻه ٻوليءَ جي ڪيترن ئي ڪٺي ڪوجنا ڪريون، تڏهين ٻه نيٺ ڪنهن اهڙي نقطي تي پهچون ٿا، جتي انهيءَ ٻوليءَ جون حدون ٻئي ڪنهن ٻوليءَ سان رلڻ ملڻ لڳن ٿيون. اسان جي سنڌي ٻوليءَ جو جڏهين تواريخي اڀياس ٿو ڪجي ته معلوم ٿو ٿئي ته انهيءَ جو لاڳاپو هندستان جي ڪيترن اتر ٻولين سان آهي، جي وري سنسڪرت سان تعلق رکن ٿيون. انهي ڪري ائين ڪٺي ڇئجي ته سنسڪرت مول ڀاشا آهي، جنهن مان هندستان جون ٻيون سڀ ٻوليون نڪتيون آهن. علم لغات جي عالمن ته ثابت ڪري ڏيکاريو آهي ته ڪنهن پراچين سمي ۾ ڪا آريه ٻولي هئي، جنهن مان دنيا جون ڪيتريون ساريون ٻوليون نڪتيون آهن، ۽ انهيءَ جي قديم ۾ قديم صورت جا اڃا زنده آهي سا آهي سنسڪرت. اهي ٻوليون صدين بلڪ هزارن سالن کان جدا رهيون آهن ۽ پنهنجي پنهنجي نموني ٻئي ڦريون گهريون آهن؛ انهيءَ ڪري منجهائن مائٽي ڳولي لهڻ مشڪل آهي. هرهڪ ٻوليءَ کي پنهنجون عادتون ۽ ترقيءَ جون رغبتون آهن. ڪا ٻولي هڪڙي اوائلي صورت جلدي مٽائيندي ته ٻي وري اها خصوصيت قائم رکندي اچي. ڪڏهين قضائي

نه ڇوندا نه ٻوليءَ جي واڌاري ۽ ترقي جو فلاڻو نمونو صحيح ۽ چڱو، ۽ فلاڻو نمونو خراب آهي. ٻولي ڪهڙي صورت ٿي وٺي انهي تي پابند قاعدي سازي ڪرڻ عبث آهي.

ڪنهن به قوم جي ٻوليءَ جي ڪنهن به خاص وقت جا صورت ۽ خاصيت آهي، سا انهيءَ قوم جي انهيءَ وقت جي ٻوليءَ لاءِ برابر آهي. اها انهيءَ قوم جي ٻوليءَ جي تواريخ جي حقيقت آهي. اسان کي اها وڻي ٿي يا نه، انهيءَ سان انهيءَ جو ڪو به واسطو ڪونهي. ٻوليءَ جو ڪهڙو به نمونو — اچار، وياڪرڻ جو گردان، توڙي جملي جي جوڙجڪ - جو انهيءَ قوم جي انهيءَ وقت جي قدرتي ٻوليءَ جي عادت جي ورت آهي، سو انهي قوم ۽ انهي وقت لاءِ سراسر غلط آهي.

مٿين خيالن موجب سڀ ٻوليون — مول توڙي انهن جون شاخون - يڪسر چڱيون آهن. پر، باوجود انهي جي، ٻولين جي مشابهتي فوقيت ٻن ڪسوٽين سان پرکي سگهجي ٿي - هڪ مطلق ۽ ٻي عارضي.

ٻولي ڪيتري قدر ٻڌرائي سان اظهار ڪرڻ ۾ سهوليت ڀري ۽ ملائيم آهي، انهي تي ئي هن جي فوقيت دارومدار رکي ٿي. جا ٻولي جي اها ڳالهائين ٿا تن جا احتياج پورا ڪري ٿي ۽ خيالن ۽ جذبن جي باريڪ ۾ باريڪ رنگن ۽ روپن کي ظاهر ڪري سگهي

آزمودا، نوان نوان آدرش ۽ مقصود، نوان نوان احتياج محسوس ٿو ڪري. اهي سڀ حالتون نون نمونن ۾ پنهنجو اظهار ڪن ٿيون. ڪيترا لفظ نئين معنيٰ وٺن ٿا ۽ ٻيهر نوان لفظ ٻڌڻ جڙن ٿا. ڪنهن به ٻولي جي تواريخ ڏسبي ته لفظن جي معنيٰ بدلائڻ جا بيشمار مثال ملندا. ڪڏهين ته لفظ ائي ڪارائتا ٿي، رفته رفته، غير مروج ٿيو وڃن. اهڙيءَ طرح هر ڪنهن ٻوليءَ ۾ لفظ پيا اچن، وڃن ۽ حالتن موجب مٽجن.

نکو وري لفظن جو اچار ڪنهن به زنده ٻوليءَ ۾ ساڳيءَ صورت ۾ رهيٿو. ٻوليءَ جا آواز ڪن بدني چرپر جو نتيجو آهن. گويا هڪ قسم جون بدني عادتون آهن. واڪي يڪت عضون (Vocal Organs) جي عادتي چرپر پشت به پشت پيئي ڦري؛ ۽ انهيءَ ڪري آواز، ٿي انهن جو نتيجو آهن. انهن تبديلن جي پوري جاڻ لاءِ وگيانـــي من ۽ ترتيب وارو ڪن ضروري آهي. علم آواز هڪ سائنس آهي، جنهن جو ٻوليءَ جي تواريخ سان نهايت گهاٽو ۽ گهرو لاڳاپو آهي. اسان کي هڪڙي ڳالهه ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته علم آواز جو جاڻو ڪڏهين به هڪ اچار کي ٻئي کان بهتر نه سمجهندو، هڪ کي ٻئي کان وڌيڪ پسند نه ڪندو.

درحقيقت، جن ٻولي ڪئن ٿي ڦري گهري تنهن جو اڀياس ڪيو آهي، سي ڪڏهين به داعوا سان

● هنسا مان ڇوٽڪارو

اڄ هنسا جي روح جو سياهه ڇانو ساري سنسار جي مٿان آهي. پورب توڙي پڇم، ٻنهي انهيءَ جي اثر هيٺ آهن. نه رڳو جنگ جي ميدان ۾ اهو بي جسم راڪاس پنهنجي نفس زندگيءَ ۾، از حد نرالا سان، ڦري رهيو آهي، پر روزمره جي زندگيءَ ۾ به هو طرح طرح جا آبرودار روپ ڌاري، ظاهر ظهور پيو ٽلي ٽلڪي. انسان پنهنجي مٿان عالمگير آپدا آڻي ڏسي، پنهنجي اڳاءُ ۾ هر قسم جا هٿڪنڊا حيلا روا ٿو سمجهي. پنهنجي سلامتي لاءِ هو سڀيتا ۽ انسانيت جا صدين جي ڪشالن ۽ ڪشٽن سان نرتل، ڪيل سڌانت بليدان ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويو آهي. هڪ طرف هيءَ عالمگير آپدا سنڌس سرت وشال ڪري رهي آهي ۽ هو انهيءَ جي مجبوريءَ هيٺ ساري سنسار کي هيڪڙائيءَ ۾ ٻڌي رهيو آهي ته ٻئي طرف پنهنجي سلامتيءَ ۽ بچاءَ جي پرڪار هو

ٿي، سا اُنهيءَ ٻوليءَ کان وڌيڪ فوقيت واري ۽ ملائيم آهي جا اهي شرط پورا نٿي ڪري.

ٻوليءَ جي فوقيت جي ٻي پرک، جنهن کي اسان عارضي سڏيو آهي، سا آهي ته سڀيه سماج يا تهذيب پذير سوسائٽي جو صحيح محاورو. علم لغات جي مد نظر کان، جيئن اسين اڳيئي چئي آيا آهيون، جو محاورو اسين دهقانين جي واتان ٿا ٻڌون سو ڪنهن به سڀيه انسان جي محاوري کان گهٽ درجي جو ناهي. پر سڀيه سماج جو محاورو عام طور فوقيت وارو، نزاڪت ڀريو ۽ دلگهريو سمجهيو ٿو وڃي. لڪن جي هنر انهي محاوري کي ڪنهن قسم جو شرف ڪٿي بخشيو آهي. پر جي تواريخي نظر نگاه کان ڏسبو ته پُوجهه پوندي ته اهو محاورو، سڀيه سماج جي ٻولي، نهايت گاڏوڙ ٿئي ٿي. مختلف گهڻن ئي قسمن جا اثر اچيو ملن.

هاڻ سوال آهي ته، علم لغات يا شبد وديا جو ابياس ڪيئن ڪجي. سڀ ۾ سٺو طريقو آهي پنهنجي مادري ٻولي ڪٽي، اُنهيءَ جون صورتون ۽ نئون حالتون جاچجن، ۽ انهن جا سبب پڇندي، انهن جو بنياد اصلي آريه ڀاشا مان ڳولي لهجي؛ پوءِ ڏسجي ته انهيءَ ڪانسواءِ ٻيا ڪهڙا اثر ٻوليءَ تي ٿيا آهن ۽ انهن جا سبب ڪهڙا آهن. ●

(سندو: ڊسمبر ۱۹۳۲ع)

تي ٻڌي ۽ مذهبن انساني برادري پياوُ، اونهو ۽ عملي، پيدا ڪري.

انسان ڇو سلوڪ ۽ سانڍي ڇڏي، جنگ ۽ جهيڙي جو سبڪڙو ٿو ٿئي؟ ڇو هو پنهنجو سک ۽ آرام ٻئي جي دک ۽ پيڙا تي ٻڌڻ جي ڪوشش ٿو ڪري؟ انسان جي اندر ۾ هڪ مها پياري پوُ آهي، هڪ بنيادي لپ- پنهنجي سلامتيءَ جو. هو پاڻ کي هڪ جدا جيوُ ٿو جاڻي. هو ائين ٿو پائي ته هو هڪ وروڌي (hostile) وايو منڊل ۾ آهي جنهن ۾ هرڪو جڙ پدارٿ ته وڙي هرڪو جيوُ سندس ڪلياڻ جو وروڌي آهي. هو ائين نٿو محسوس ڪري ته ساري رچنا هڪ ڪل آهي ۽ جدا جدا پدارٿ ۽ جيو انهيءَ جا جزا آهن، ۽ انهيءَ ڪل جي همسازگي سهڪار جي سڌانت تي ٻڌل آهي. پورب جو پراچين انيوُ ته سروُ ۾ هڪ ست وسي ٿو، ته ڪل ڪثرت وحدت آهي، ته "واسديو سروُ مٿي" آهي، ته

"ڪوڙين ڪاياڻون لنهنجو رن، لکين لک اپار،
جيءَ سڀڪنهن جيءَ سين، درسن ڏارون ڏار."

هو ٻڌه وساري ويٺو آهي. جيهائين ڪيس اهو انيوُ ٿيندو ته "جيءَ سڀڪنهن جيءَ سين" جڙيل پيو آهي، تيهائين ڪيس محسوس ٿيندو ته ڪنهن کي ايذاءُ يا دک رسائڻ سروُ کي دک رسائڻ آهي، ته

وحشانيت جا وڪ- گاڏڙ واهڻ ڪم آڻڻ ۾ ڪوه عار محسوس نٿو ڪري. انسان ذات اڄ انهاس جهي انهيءَ نازڪ ڪڙيءَ تي اچي آهي، جتي ڪيس ازحد سچيتائيءَ ۽ سمجهه جي ضرورت آهي. جي هو پاڻ ۾ اهو احساس ته انارو عالم هڪ آهي زنده رکي، پنهنجي نئين جيوت انهيءَ بنيادي اصول تي بڌندو، ته پوءِ سندس لاءِ سرو ڪلياڻ آهي؛ پر جي هو پنهنجي سلامتي جي پٺ ڪان اهو احساس ڇڏي، هر قسم جا اجوڳ ذريعا اختيار ڪندو ته پوءِ هو اڃا به وڌيڪ هولناڪ ۽ موتمار جنگين جو ٻج ڇٽيندو.

ڪن انسان ذات جي پلگهرن جو رايو آهي ته پرماڻي بم جهي ايجاد سڀني قومن ۾ اهڙو هراس ۽ ڊپ پيدا ڪيو آهي جو هر ڪا حڪومت جنگ شروع ڪرڻ جي جوابداريءَ کان ڪن ڪائيندي ۽ انهيءَ ڪري جنگ هميشه لاءِ عدم سمجهڻ گهرجي. انهن سڪ- ڏرسي جيون کي ياد رکڻ گهرجي ته وقت به وقت وڌيڪ ۽ وڌيڪ هولناڪ هٿيار پڻ ايجاد ٿيا آهن، ۽ انسان آهستي انهن جي هولناڪيءَ تي هري ويو آهي ۽ انهن کي رواجي پيو سمجهي. پڪ ٿي پڪ، پرماڻي بم جي سمجهڻ ۾ به ائين ٿيندو؛ ۽ دنيا مان جنگ ليستائين دفع ڪانه ٿيندي جيستائين انسان جي من ۾ بنيادي تبديل نه آئي آهي جا هن جي جيوت جا معيار قيراڻي ڪنهن آلمڪ آدرشواد

ٿي، ۽ هنسا جي آڏو جڏهن نشڪام پريم اچجي ٿو، تڏهن ٿي اها ڦري پريم روپ وٺي ٿي.

پورڻ اهنسا، انهيءَ ڪري، پورڻ پريم آهي. **پتنجليءَ** جو واڪ آهي ته انهيءَ ڳڻ يعني پريم جي پورنتا حاصل ڪرڻ سان سڀ جيوَ انسان جا سڄڻ ٿيو پون. شوخ ۾ شوخ درندا اهڙي پريم جي اڳيان پنهنجو شوخ ۽ ڏارڻ ڦاڙڻ جو سڀاءُ وساريو ڇڏين. جي چٽر زنيءَ لاءِ اچن ٿا، سي اهڙي پريم جي هيبت، هٿ ۽ وات ٻڌي، دل ۾ ساراهه جا گيت ڳائڻ لڳن ٿا. پريم جڏهن سروُ آتما جو درشن پاتو آهي سو سڀني وڪارن[1] کان آجو آهي، ۽ ان جي حضور ۾ سڀ وڪار پنهنجي وک وڃائي، امرت رس، پريم رس ٿيو پون. پريم جي سڄيو سنسار ۾ نه ڪام آهي نه ڪرودھ، نه موهه آهي نه اهنڪار، نڪي وري لوڀ ئي اتي واسو ڪري ٿو.

انهيءَ پريم - وڻيءَ سنسار ۾ لوڀ ڪٿان پير پائي سگهندو، جڏهن هر هڪ جيوَ ٻين مڙني جيون سان پنهنجي بنيادي ڀرادري هر لحظي انڀوَ ڪري ٿو؟ لوڀ جي الوپ ٿيڻ سان، سنسار مان آرٿڪ نابرابري جي جڙ سڙيو وڃي، مفلسي اقتصادي ذلت جو خاتمو ٿيو وڃي. پوءِ سڄو ساميواد، آتم تتوَ يا روحانيت تي ٻڌل، جيون جو پساهه ٿيو پوي. اڄ هڪ انسان ٻئي انسان کي ڏهي، هنجي ذريع، پنهنجي سمپديءَ جو

کنهن جي نه وکاس (evolution) يا اُنتيءَ جي آڏو
اچڻ سرؤ جي وکاس جي آڏو اچڻ آهي، نه سڀ جيؤ
هڪ ٻئي سان اهڙيءَ نه گهرائيءَ ۽ ٻنهنجائيءَ جي
ڪڙيءَ ۾ جڪڙيل آهن جو ڪو نه جيؤ ٻئي جيؤ کي
ضرر رسائي، پاڻ انهيءَ ضرر جي اثر کان آجو رهي
نٿو سگهي.

"ڪشي کان ڪمان ۾ ميان! مار ۾ مون،
مون ۾ آهين تون، متان تنهنجو ئي توکي لڳي"

جات پات يا قوميت جا پيد، يا مذهب جا
تفاوت، زندگي ۽ ڪرت ڪار جا فرق قيبر، انهيءَ
بنيادي اُصول جي عمل ۾ ڪا نه نيارپ نٿا پيدا ڪن.

وگيانڪ نقط نظر کان نه اهو اُصول نظر انداز نٿو
ڪري سگهجي. ڪارڻ ۽ ان جو نتيجو هڪ آهن، ۽
کنهن ڪارڻ جي زور ميٽڻ لاءِ وگيان ۾ هڪ ئي
رستو آهي اُنهيءَ جي اُبتڙ اثر وارو زور ساڳئي انداز
۾ آڏو ڏيڻ. انهيءَ ڪري ئي ڪمل - نڻن ٻڌ ديو
چيو نه "وير وروڌ سان نٿو ميٽجي، پر پريم سان" ۽
حضرت محمد عربستان جي پيغمبر، فرمايو:
"بڇڙائيءَ جو وروڌ جيڪي ڀلي ۾ پلو آهي تنهنسان
ڪريو." ڌڪار جي آڏو ڌڪار رکڻ آهي ڌڪار کي
وڌائڻ ۽ وڌائڻ. پيار ئي ڌڪار تي غالب پوي
ٿو. انهيءَ وگيانڪ اُصول ٻڌائندي نه هميشه وڌائي

اهنسا پرمو ڌرم

"فريدا! بُري دا ڀلا ڪر
غصا من نہ هنڊاءِ؛
ديهي روڳ نہ لڳئي،
پلهءِ سڀ ڪڇ پاءِ."
"فريدا! جو تو مارن مڪيان،
تنان نہ ماري گهمِ؛
آپڻڙي گهر جائيئي،
پير تنان دي چمِ."

پورب آدي سڀيتا جو گهر آهي. هزارن ورهين کان پورب ۾ ازادي آتم گيان جي جاڳ پورب نواسين جي وچار ۽ آچار کي پڪي رڱيو آهي. انسان ۾ جي حيوانيت ۽ وحشانيت جا چشما آهن، تن جي وهائيل پاڻيءَ کي امرت ڌارائن جا تجربا هت جڳن کان پئي ٿيا آهن. جڏهن پشچم - نواسين اڃا سڀيتا جي سج جي ڪني بہ ڪانہ پسي هئي، جڏهن هو اڃا اڻ سڌريل

رنگ محل اڏي ٿو. ساميوادڪ سنسار ۾، اهڙو ٻيڙو ڪرتوت خيال ۾ نہ پر ڇا ٻلڪ خواب ۾ بہ ڪين ايندو. جو اهو دل ٽوڙي دماغ جي سنوائيءَ لاءِ گھاتڪ ٿيندو.

انهاس جي اُفق تي نئين پرڀات ليا پيئي پائي. سندس آجيان لاءِ اسان تياري ڪئي آهي؟ سندس پوڄا لاءِ اسان سامگري ڪٺي ڪئي آهي؟ اسان وهدبچي سهنجي ڀاڱ ڪسي اُجر ڪيو آهي؟ انهاس جون شڪتيون پربل ليڪن نهايت سوکيم ٿين ٿيون. اسان جي جسم ۽ جان مان ايندڙ ورڌي لر ڙشون سندن روپ بدلايو ڇڏين. انهن اُروپ شڪتين ۽ اسانجي جيون ۾ جيستائين ڪنهن قسم جي همسازگي پيدا نہ ٿي آهي تيستائين اهي روپ وٺڻ کان عاجز ٿي رهنديون. انهيءَ ۾ هر انسان پنهنجو اهم فرض سمجهي سگهي ٿو، ڇو تہ دنيا جو مسئلو هر هڪ شخص جو مسئلو آهي. ●

(”سنڌو“ : ١٩٤٠ع)

انهيءَ سرؤ درشيو، انهيءَ کلي مشاهدي جي ڪري هنن کي اهو پڪيءَ پت نرنئه تيو هو ته چاڪاڻ ته "جيءُ سڀ ڪنهن جيءَ سين" جڙيو پيو آهي، تنهنڪري ڪنهن کي به ايذاءُ يا دک رسائڻ آهي سرؤ جيءَ کي دک رسائڻ، يعني پاڻ کي به. انهيءَ ڪري پر - هچا سوم - هچا آهي.

"ڪشي ڪان ڪمان پر،
ميان! مار م مون؛
مون آهين تون،
متان تنهنجو ئي توکي لڳي."

بيو پيڙه پايو انهيءَ سدانت جو آهي ڪرم جو متو، جو نبج وگياني أصول تي بڌل آهي. ڪارڻ ۽ انجو نتيجو هڪ آهن، ته ڪنهن ڪارڻ جي زور ميٽڻ لاءِ وگيان پر هڪ ئي رستو آهي انهيءَ جي ابتڙ اثر وارو زور ساڳئي انداز پر آڏو ڏيڻ. انهي ڪري ئي ڪمل - نئن پڻ ديو چيو آهي ته "وير ورون، وير ورون سان نٿو ميٽجي، ٻر پريم سان." نڪار جي آڏو نڪار رکڻ آهي گويا نڪار کي وڌائڻ ويجهائڻ. پيار ئي نڪار تي غالب پئي ٿو. انهيءَ وگياني اصول پٽاندڙ ته هنسا، هنسا وڌائي ٿي، ۽ هنسا جي آڏو جڏهن نشڪام پريم آڇجي ٿو، تڏهن اها ڦري پريم جو روپ وٺي ٿي.

پورن اهنسا، انهيءَ ڪري، پورن پريم آهي

حالت ۾ هئا، تڏهن هت پورب ۾ سڀئي جيون جا سڌانت نه صرف ڳولي لڌا ويا هئا، پر اهي عمل ۾ اچي رهيا هئا، ۽ سماج جو سمورو ماڻهو انهن تي منحصر هو.

انهن سڌانتن ۾ پرم سڌانت هو اهنسا جو، جنهنجي ضرورت اڄ ڪله جنگ-زده جهان محسوس ڪري رهيو آهي. ڪاڻ سڀئي سماج انهيءَ سڌانت کانسواءِ ناممڪن آهي. جي ماڻهو هڪ ٻئي جو چڪين ماس چٽڻ جي ڪوشش ڪندا، هڪ ٻئي کي اهنج ايذاءُ يا هاڃو رسائڻ ۾ پنهنجو ڀلو سمجهندا ته جانئي پار هو ئي جنگ جڳائو لڳو پيو هوندو، ۽ ڪنهن به سڀئي جيوت جي آشا رکڻ اجائي ٿيندي.

پر اڄ-و ته ڏسون ته پورب ۾ اهو پرم سڌانت ڪهڙ ۽ پدا ئي پيتل آهي.

پورب آتم گيان جو پراچين مرڪز آهي. پورب جي پراچين ساهتيه ۾ "واسديو سرومتي" جو ڀانت ڀانت وسن ۽ ورنن ۾ درشيه آهي. پورب جي مها آتمائن سڀ جو سرو ۾، وحدت جو ڪثرت ۾ مشاهدو ماڻيو هو، ۽ اهو محسوس ڪيو هو ته

"ڪوڙين ڪاپائون ڪنهجون،
لکين لکي اپار،
جيءَ سڀ ڪنهن جيءَ سين،
درسن ڏاڍون ڏار."

روپي وڪار ڪڍهن ڪين ٿا جاڳن. پر لڳاتار سچيتيءَ جي عين ضرورت آهي.

جو پارٽ ڪي اَجر ۽ اَمر ٿو ڄاڻي، جو سدائين پارٽ ڪي سرڀ ۾ سلامت ٿـو محسوس ڪري، جنهن پارٽ مان جدائيءَ جي شناس نهوڙي ني آهي، تنهنڪري ڪوبه ڀؤ يا ڀولو اوڏي نٿو. هچا، لوڀ، موهه، ڪروڌ ڪام ۽ اهنڪار ٻڀ، انسان جـي بنيادي ٻڀ، جي اوڊ آهن. هيڪر اهو پنهنجي هستيءَ جو ٻپ نڪري وڃي ۽ انسان ڪي نشچيه ٿي وڃي ته نه صرف پارٽ اَجر ۽ اَمـر آهي، پـر سرڀ سان سم، تـه پوءِ پنهنجن مانسڪ پوتن ۽ انهن جـي اولاد هچا ڪان آجو ٿـي، ٻڀ-مڪ ۽ ٻڀ-روپ ٿـي پوندو. پوءِ هو پريءَ نوڙي پاڪر ۾ هڪ سمان ڪاله آپدا ۽ ڪوبه جذباتي جولان ڪيس ڏولائيمان نه ڪندو.

شل اسين سڀ انهيءَ ٻورب جي اَتم ۾ اَتم وڙتي جا حقدار ٿيون. ●

("سڄاڳي": آڪٽوبر ١٩٤٠ع)

پتنجلي جو واڪ آهي ته انهيءَ ڪري ڀڳتي پريم جي
پورنتا حاصل ڪرڻ سان سڀ جيئُ انسان جا سڄڻ
ٿيو پون ۔ شوخ ۾ شوخ درندا اهڙي پريم جي اڳيان
پنهنجو شوخ ۽ ڏارڻ ڦاڙڻ جو سڀاءُ وساري ڇڏين ۔
جي چترزنيءَ لاءِ اچن ٿا، سي اهڙي پريم جي اثر
هيٺ، هٿ ۽ واتھ ٻڌي، دل ڏئي دل ۾ ساراهه جا
گيت ڳائڻ لڳن ٿا۔ پريم جنهن سرو- آتما جو درشيه
ڀاڳو آهي، سو سڀني وڪارن کان آجو آهي، تنهن
جي حضور ۾ سڀ وڪار پنهنجي وک وڃائي
امرت - رس، پريم - رس ٿيو پون ۔ پريم جي سڄيءَ
سنسار ۾ نه ڪام آهي نه ڪروڌ، نه موه آهي نه
اهنڪار؛ نڪي وري لوڀ ئي اتي واسو ڪري ٿو.

پورڻ اهنسا واري جيوت گهارڻ ڪٺن ۾ ڪٺن
۽ سولي ۾ سولي آهي: ڪٺن ۾ ڪٺن انهيءَ ڪري
جو ڪنهن مهل ۾ انسان اهنڪار، اندرين جي واسنائن،
ڪام، ڪروڌ، لوڀ يا موه جي وس ٿئي، سرو جيءَ
وارو سنبنڌ وساري، هنسا ڪري وهي ٿو؛ ۽ سولي
۾ سولو انهيءَ ڪري جو جنهن ۾ مڙني ڪي هيڪر
"سرو- آتما" جو درشن پراپت ٿيو، سو هميشه
سڀنيءَ سان انهي درشن ۾ گهاري ٿو، جنهنڪري
هن جي جيوت جو هڪ ئي لکشڻ وڃيو رهي، جو
آهي پريم؛ ۽ جو پريم ۾ سڀني جيون کي هڪ پسي
ٿو، تنهن ۾ ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موه ۽ اهنڪار

● شري آسانند مامتورا

سنڌي ساهتيہ ۾ ناول نويس، ڪهاڻي نويس ۽ مضمون نگار جي لحاظ کان اهم جڳهہ والاري ٿو.

مامتورا جو 'شاعر' ناول سنڌ ۾ ڪافي پسند پيو هو. هنجي ڪهاڻي 'ڳنوارڻ' (ڪڪي) بهترين ڪهاڻين مان هڪ آهي. هن جا ادبي ليک وقت بہ وقت رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندا رهندا آهن.

هن جي ٻولي گهرو، اصطلاحي هوندي آهي - عبارت اثرائتي ۽ ڪشش ڪندڙ هوندي آهي. سندس ناول آهن 'شاعر' 'حليما' ۽ ڪهاڻين جو مجموعو آهي 'ڳنوارڻ' ۽ سندس ادبي مضمونن جو مجموعو 'هنج چڱن موتي' تو هان جي هٿن ۾ آهي. ●

C-S
52

HANJ CHUGIN MOTI

by Assanand Mom

SINDHI TIMES Publication